# بُغض و کینہ



# بُغض ۽ ڪِينو

پيشڪش

المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| سرڪارِ مدينہ جو پاڻ تي دُرود و سلام موڪلڻ | 1 |
| قَبر ڪارن نانگن سان ڀريل هئي | 2 |
| باطِني گناهن جو علاج بيحد ضروري آهي | 3 |
| ڪِينو ڇا کي چئبو آهي؟ | 4 |
| مسلمان سان ڪيني رکڻ جو شرعي حڪم | 5 |
| ڪيني جون بربادیون | 6 |
| گذريل اُمّتن جي بيماري | 7 |
| ڪيني جا نقصان | 7 |
| ﴿1﴾ چُغل خوري ۽ ڪِينو دوزخ ۾ وٺي ويندا | 7 |
| ﴿2﴾ بخشش نہ ٿيندي | 8 |
| ﴿3﴾ رحمت ۽ بخشش کان محرومي | 9 |
| ﴿4﴾ جنت جي خوشبوءِ بہ نہ لهندو | 10 |
| ﴿5﴾ ايمان برباد ٿيڻ جو خطرو | 11 |
| ﴿6﴾ دُعا قبول نہ ٿيندي | 11 |
| ﴿7﴾ دينداري نہ ٿيڻ | 12 |
| ﴿8﴾ ٻين گناهن جو دروازو کُلي پوندو آهي | 10 |
| ﴿9﴾ ڪِينو رکندڙ بي سُڪون رهندو آهي | 14 |
| ﴿10﴾ مُعاشري جو سُڪون برباد ٿي ويندو آهي | 14 |
| توهان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي رهو | 14 |
| مسلمان تہ هڪ ٻئي جا مُحافِظ هوندا آهن | 15 |
| گوشہ نشيني جو سبب | 15 |
| زندگي جو انداز بدلجي ويو | 17 |
| بدترين بُغض و ڪِينو | 19 |
| صحابہ ڪرام سان بُغض رکڻ جي سخت وعِيد | 19 |
| صحابہ ڪرام سان بُغض و عداوت رکڻ واري جو ڀوائتو انجام | 20 |
| سادات سان بُغض رکڻ واري کي حوضِ ڪوثر تي ڇَهبُڪ هنيا ويندا | 22 |
| اهلبيت جو دشمن دوزخي آهي | 22 |
| عَرَبن سان بُغض و ڪَدُورت رکڻ وارو شفاعت کان محروم | 23 |
| جنهن عَرَبن سان بُغض رکيو ان مون سان بُغض رکيو | 23 |
| عَرَب سان بُغض ڪڏهن ڪُفر آهي؟ | 23 |
| ٽن سببن جي ڪري عَرَب سان مَحَبَّت رکو | 24 |
| ڇا عَرَب جي ڪافرن سان بہ مَحَبَّت رکڻي پوندي | 24 |
| اهلِ عَرَب عَرَبي آقا جا هم قوم آهن | 24 |
| عِلم ۽ عالِم سان بُغض رکڻ وارو نہ ٿيءُ جو هلاڪ ٿي ويندين | 25 |
| عالِم دين سان هرو ڀرو بُغض رکندڙ مريضُ القَلب ۽ خبيثُ الباطن آهي | 25 |
| يهودي طبيب جو امام مازري سان ڪِينو ۽ حَسَد | 26 |
| اولياءِ ڪرام سان بُغض رکڻ واري جي توبہ | 27 |
| مامي جي انفرادي ڪوشش | 29 |
| توهان جي دِل ۾ ڪنهن جي لاءِ ڪِينو ۽ بُغض نہ هجي | 31 |
| افضل ڪير؟ | 31 |
| جنتي ماڻهو | 31 |
| جسم سان گڏ وگڏ دل بہ سٿرو رکڻ ضروري آهي | 33 |
| مان اوهان وٽ صاف سيني سان اچان | 34 |
| پنهنجي دِل تي غور ڪري | 35 |
| راهِ جنت جي ڇهن اکرن جي نسبت سان ڪيني جا 6 علاج | 36 |
| ﴿1﴾ ايمان وارن جي ڪيني کان بچڻ جي دُعا | 36 |
| ﴿2﴾ اَسباب پري ڪيو | 36 |
| ڪاوڙ | 36 |
| ڪاوڙ نہ ڪرڻ واري لاءِ جنتي حُور | 37 |
| بدگماني | 37 |
| شراب نوشي ۽ جُوا | 38 |
| نعمتن جي گهٽائي | 39 |
| بُغض و عَداوت ۾ ڦٽجي ويندؤ | 40 |
| پاڻ ۾ بُغض و عَداوت مضبوط ٿيندو آهي | 41 |
| ﴿3﴾ سلام ۽ مُصافحي جي عادت وجهو | 41 |
| ﴿4﴾ اَجايو سوچڻ ڇڏي ڏيو | 42 |
| ﴿5﴾ مسلمانن سان الله جي رضا لاءِ مَحَبَّت ڪيو | 43 |
| ﴿6﴾ دُنياوي شين جي ڪري بُغض ۽ ڪِينو رکڻ عقلمندي نہ آهي | 43 |
| پنهنجي ٻارن کي بہ بُغض ۽ ڪيني کان بچايو | 44 |
| ننڍي ڀيڻ کي قتل ڪري ڇڏيو | 45 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| جيڪڏهن ڪو اسان سان ڪِينو رکي ٿو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ | 46 |
| فتح مڪ جي ڏينهن عام معافي جو اعلان ڪري ڇڏيائون | 47 |
| بُغض و عناد مَحَبَّت ۾ بدلجي ويو | 51 |
| بُغض ۽ عناد رکندڙ يهودي ڪيئن مسلمان ٿيو | 52 |
| مون کي اوهان سان بُغض هو | 53 |
| ڪيني رکندڙ کان بہ فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو | 54 |
| پين کي پنهنجي ڪيني کان بچائڻ جا طريقا | 55 |
| ﴿1﴾ ڪنهن جي ڳالهہ ڪَٽڻ کان بچو | 55 |
| ﴿2﴾ تعزيت دوران مُسڪرائڻ کان بچو | 55 |
| ﴿3﴾ ڪنهن جي غَلطي ڪيڻ ۾ احتياط ڪيو | 56 |
| ﴿4﴾ موقع محل جي مطابق عمل ڪيو | 56 |
| ﴿5﴾ مشورو بُغض ۽ ڪيني کي ختم ڪندو آهي | 56 |
| ﴿6﴾ ڪنهن جي اِصلاح ڪرڻ جو انداز مَحَبَّت پريو هئڻ گهرجي | 57 |
| ﴿7﴾ رشتي تي رشتو نہ موڪليو | 58 |
| ﴿8﴾ خواهہ مخواهہ حوصلہ شڪني نہ ڪيو | 58 |
| ﴿9﴾ پين کي نہ چڙپ ڏيو | 59 |
| ﴿10﴾ رُوحاني عِلاج بہ ڪيو | 60 |
| ڪنهن کي ڪنهن سان بُغض ۽ حَسَد نہ ٿيندو | 61 |
| جنتين جي وچ ۾ ڪِينو نہ هوندو | 62 |
| ڪِينو ۽ حَسَد ڪيئن باقي رهندو! | 62 |
| ڪيني جون وڏيڪ صورتون | 62 |
| ڪِتي اسان غلط فهمي ۾ تہ نہ آهيون | 63 |
| ڇا منهنجي محبوبن سان مَحَبت ۽ منهنجي دُشمنن سان عداوت بہ رکي؟ | 66 |
| بدمذهب کي ڪاڏو نہ ڪارايائون | 66 |
| جڏهن هڪ غيرمسلم اعليٰ حضرت جي جسم تي هٿ رکيو | 67 |
| بدمذهبن جي صحبت ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي | 68 |
| بدمذهبن کان ديني يا دُنياوي تعليم حاصل نہ ڪريو | 69 |
| ڪتاب جو خلاصو | 70 |
| ڪيني رکڻ واري کي هي نقصان ٿيندا آهن | 70 |
| ڪيني جو علاج | 71 |
| پين کي پنهنجي ڪيني جا بچائڻ جو طريقو | 71 |
| ماخذ ۽ مراجع | 72 |


**بہ فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم :

**﴿1﴾ اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ ان کي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي. (جامع ترمذي ج 4 ص 298 رقم الحديث 366)

**﴿2﴾** جيڪو شخص منهنجي اُمت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿي وڃي يا ان سان بد مذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي. (حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# بُغض ۽ ڪِينو

## سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڻ تي دُرُود وسلام موڪلڻ

شهزاديءِ ڪَونين، حضرت سيّدتُنا فاطِمہ زَهره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي: کَانَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا دَخَلَ الْمَسْجِدَ صَلّٰی عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّسَلَّمَ وَإِذَا خَرَجَ صَلّٰی عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّسَلَّمَ يعني حُضُور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا تہ مُحمد مُصطفیٰ (يعني پاڻ) تي دُرُود و سلام پڙهندا هئا ۽ جڏهن نڪرندا هئا تڏهن بہ مُحمد مُصطفیٰ (يعني پاڻ) تي دُرُود و سلام پڙهندا هئا.

(سُنَن الترمذي، ج 1 ص 339 حديث 314 ملتقطا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ۽ نڪرڻ وقت نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهڻ گهرجي جو هي سُنَّت آهي. مُفَسِّر شهير، حڪيمُ الاُمَّت، حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: انهيءَ مان بہ مسئلا معلوم ٿيا هڪ هي جو مسجد ۾ وڃڻ وقت دُرُود شريف پڙهڻ سنَّت آهي. شِفا شريف ۾ آهي تہ خالي گهر ۽ مسجد ۾ وڃڻ وقت هي پڙهجي: ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ“ ٻيو هي تہ رسول اڪرم (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) پاڻ بہ پنهنجي مٿان دُرُود و سلام پڙهندا هئا ڪڏهن ”صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّسَلَّمَ“ ۽ ڪڏهن ”صَلَّی اللّٰهُ عَلَيَّ وَسَلَّمَ“ پڙهندا هئا.

(مِراةُ المَناجيح، ج 1 ص 450)

## قَبر ڪارن نانگن سان ڀريل هئي

**حضرت سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ **جي خدمت ۾ ڪجهہ ماڻهو** حاضر ٿيا جيڪي گهٻرايل هئا ۽ عرض ڪيائون: اسان حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتاسين، اسان سان هڪ ماڻهو هو، جڏهن اسان ذاتُ الصِّفَاح[1] نالي جڳهہ تي پهتاسين تہ اهو انتقال ڪري ويو. اسان انهيءَ جي غسل ۽ ڪفن جو بندوبست ڪيو پوءِ ان جي لاءِ قبر کوٽي، جڏهن انهيءَ کي دفنائڻ لڳاسين تہ ڏٺوسين ان جي قبر ڪارن نانگن سان ڀري پئي آهي. اسان انهيءَ جڳهہ کي ڇڏي ٻي قبر کوٽي تہ اها بہ هڪدم ڪارن نانگن سان ڀرجي وئي. اهڙي طرح اسان انهيءَ کي اُتي بہ نہ دفنايو ۽ هاڻي اوهان وٽ حاضِر ٿيا آهيون. **حضرت سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا **فرمايو:** ذٰلِکَ الۡغِلُّ الَّذِیۡ تَغِلُّ بِہٖ اِنۡطَلِقُوۡا فَادۡفِنُوۡہُ فِیۡ بَعۡضِہَا يعني هي انهيءَ جو ڪِينو آهي جيڪو اهو پنهنجي دل ۾ رکندو هو، وڃو! ۽ انهيءَ کي اُتي ئي دفن ڪيو.

(موسوعة ابن ابي الدنيا، ج 6 ص 83)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ حجّ جي سفر جهڙي عظيم سعادت سان مُشرَّف ٿيڻ واري شخص کي سيني جي ڪيني جي سبب نانگن سان ڀريل قبر ۾ دفن ٿيڻو پيو. انهيءَ حڪايت ۾ اسان جهڙن لاءِ عبرت ئي عبرت آهي جن جو ظاهر وڏو صاف ۽ پاڪيزو ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر باطن بُغض، ڪيني ۽ قسمين قسمين جي غلاظتن سان ڀريل هوندو آهي. ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اسان جي قبر ۾ بہ اهڙي طرح نانگ ۽ وِڇون اچي ويا تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

---

[1] هڪ علائقي جو نالو آهي جيڪو مڪي شريف کان ٻاهر يمن جي طرف واقع آهي.

(فتح الباري، ج 13 ص 176)

تنهن ڪري انهيءَ کان پهريان جو ساهه جي لڙهي ٽُٽي پوي ۽ توبه جي مهلت به نه ملي. اچو ته! اسان بارگاهِ خداوندي ۾ پنهنجي گناهن کان توبه ڪيون ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان دُعا گهرؤن ته

سانپ لپٹیں نہ میرے لاشے سے　　قبر میں کچھ نہ دے سزا یاربّ
نُورِ احمد سے قبر روشن ہو　　وَحشتِ قبر سے بچا یاربّ

(وسائل بخشش ص 88)

**اسان قهرِ قهّار ۽ غَضَبِ جبّار کان انهيءَ جي پناهه جا طلبگار آهيون.**

اٰمِین بِجَاہِ النّبیِّ الاَمین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## باطِني گناهن جو علاج بيحد ضروري آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪجهه گناهن جو تعلُّق ظاهِر سان هوندو آهي جيئن قتل، چوري، گِلا، رشوت، شراب نوشي ۽ ڪجهه جو باطِن سان مثال طور: حَسَد، تڪبُّر، رياڪاري، بدگُماني. بهرحال گناهه ظاهري هجن يا باطني! انهن جو ڪنڌڙ جهنم جي دردناڪ عذاب جو حقدار آهي، انهيءَ لاءِ ٻنهي قسمن جي گناهن کان بچڻ ضروري آهي. پر باطِني گناهن کان بچڻ ظاهِري گناهن جي نسبت گهڻو ڏکيو آهي ڇو ته ظاهِري گناهه کي سُڃاڻڻ سَولو ۽ جڏهن ته باطِني گناهن جي سُڃاڻپ انهيءَ ڪري ڏُکي آهي جو هي ظاهري طور اکين سان ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن، انهن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو. تقوىٰ ۽ پرهيزگاري حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ لاءِ اسان کي ظاهر سان گڏوگڏ پنهنجي باطِن کي به صاف رکڻ جي ضرور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. تمام گهڻن باطِني گناهن مان هڪ "بُغض ۽ ڪِينو" به آهي. انهيءَ جي تباهه ڪارين کان

بچڻ لاءِ اسان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ڪِينو ڇا کي چئبو آهي؟ انهيءَ جا ڪهڙا نقصانَ آهن؟ ڪهڙو ڪِينو گهڻو خراب آهي؟ انهيءَ جو علاج ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿو؟ ڪنهن سان ڪِينو رکڻ واجِب آهي؟ اسان کي اهڙو ڇا ڪرڻ گهرجي جو ڪنهن جي دل ۾ اسان لاءِ ڪينو پيدا نہ ٿئي؟ هن رسالي ۾ ڪيني جي باري ۾ اهڙيءَ قسم جي معلومات فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ضمناً هن رسالي ۾ مختلف مدني گُل پنهنجي خوشبوءِ بہ ڦهلائي رهيا آهن. هن رسالي جو نالو شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **"بُغض ۽ ڪِينو"** رکيو آهي. هن رسالي کي تمام گهڻو سمجهي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهو ۽ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃو. (شعبہ اصلاحي ڪُتب، مجلس المدينة العلمية)

گناہوں نے کہیں کا بھی نہ چھوڑا ــــ کرم مجھ پر حبیبِ کبریا ہو
گناہوں کی چھُٹے ہر ایک عادت ــــ سُدھر جاؤں کرم یا مصطفٰے ہو
(وسائلِ بخشش، ص 165)

**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! ــــ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪِينو ڇا کي چئبو آهي؟

دِل ۾ دُشمني کي روڪي رکڻ ۽ موقعو ملندي ئي اُن جي اِظهار ڪرڻ کي ڪِينو چئبو آهي. (لسان العرب ج 1 ص 888) **حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي**عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي **"اِحياءُ العُلوم"** ۾ ڪيني جي وضاحت هنن لفظن ۾ ڪئي آهي: اَلْحِقْدُ: اَنْ يُّلْزِمَ قَلْبَهُ

اِسۡتِثۡقَالَهُ وَالۡبُغۡضَةَ لَهُ وَالنِّفَارَ عَنۡهُ وَاَنۡ يَّدُوۡمَ ذٰلِكَ وَيَبۡقٰى يعني: ڪِينو هي آهي جو انسان پنهنجي دِل ۾ ڪنهن کي بار سمجهي، انهيءَ سان بُغض ۽ دشمني رکي، نفرت ڪري ۽ اها ڪيفيت هميشہ لاءِ رهي. (احياء العلوم، ج 3 ص 223)

مثال طور: ڪو اهڙو ماڻهو آهي جنهن جو خيال ايندي ئي اوهان کي پنهنجي دِل ۾ بار محسوس ٿيندو آهي، نفرت جي هڪ لهر دل و دماغ ۾ پيدا ٿي ويندي آهي، اهو ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي بہ تڏهن بہ ان سان ملڻ کان ڪِيٻائيندا آهيو ۽ زبان، هٿ يا ڪنهن بہ طرح انهيءَ کي نقصان پهچائڻ جو موقعو ملي تہ پوئتي نہ هٽندا آهيو تہ سمجهو اوهان انهيءَ ماڻهو سان ڪِينو رکو ٿا ۽ جيڪڏهن انهن ڳالهين مان ڪا ڳالهہ ناهي بلڪ ائين ئي ڪنهن سان ملڻ لاءِ دل نہ چوي تہ اهو ڪِينو نہ چورائيندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمان سان ڪيني رکڻ جو شرعي حڪم

مسلمان سان بنا ڪنهن شرعي سبب جي ڪِينو ۽ بُغض رکڻ حرام آهي. (فتاوىٰ رضويہ ج 6 ص 526) يعني نہ ڪنهن اسان تي ظُلم ڪيو ۽ نہ وري اسان جي جان و مال وغيره ۾ ڪا حق تلفي ڪئي پوءِ بہ اسان ان لاءِ دل ۾ ڪِينو رکون تہ اهو ناجائز، حرام ۽ جهنّم ۾ وني وجڻ وارو ڪم آهي ۞ ۽ جيڪڏهن ڪنهن اسان تي ڪو ظلم ڪيو هجي يا اسان جو ڪو حق ڦٻايو هجي جنهن جي ڪري اسان انهيءَ سان دل ۾ ڪِينو رکون تہ اهو حرام نہ آهي ۞ پوءِ جيڪڏهن اسان ۾ انهيءَ کان بدلو وٺڻ جي طاقت نہ هجي تہ انهيءَ کان بدلو وٺڻ لاءِ قيامت جي ڏينهن جو انتظار ڪري سگهون ٿا پر دُنيا ۾ ئي معاف ڪرڻ افضل آهي ۞ ۽ جيڪڏهن بدلي وٺڻ جي طاقت آهي تہ پوءِ

اوترو بدلو وٺجي جيترو انهيءَ اسان تي ظُلم ڪيو يا مال وغيره ۾ اسان جو حق ڦٻايو آهي ۞ پر اهڙي صورت ۾ بہ جيڪڏهن اسان معاف ڪيون تہ ثواب جا وڏيڪ حقدار ٿينداسين ۞ ۽ جيڪڏهن معاف ڪرڻ جي صورت ۾ خدشو هجي تہ ان شخص کي وڌيڪ دليري حاصل ٿيندي ۽ اهو اسان تي يا ڪنهن ٻئي تي وڌيڪ ظُلم ڪندو تہ اهڙي صورت ۾ بدلو وٺڻ، مُعاف ڪرڻ کان افضل آهي.

(الطريقة المحمدية مع الحديقة الندية ج 3 ص 86 بالاختصار)

**نوٽ:** هن ڪتاب ۾ جتي ڪيني جي بُرائي بيان ڪئي وئي آهي اتي ناجائز ۽ حرام ڪِينو مراد آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪيني جون برباديون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪِينو اهو مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪندڙ) باطِني مرض آهي جنهن ۾ مُبتلا ٿيڻ وارو دُنيا ۽ آخرت جو نقصان کٽندو آهي ۽ اُن جي مُضِرّ (يعني نقصان ڏيندڙ) اَثرات کان آس پاس وارا ماڻهو بہ بچي نہ سگهندا آهن ۽ ائين اها بيماري عام ٿي ڪري معاشري جو سُڪون برباد ڪري ڇڏيندي آهي. خانداني دشمنيون شروع ٿين ٿيون، هڪ ٻئي جي خلاف سازش ڪرڻ، ذليل و رُسوا ڪرڻ ۽ مالي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خيرخواهي ڪرڻ بدران انهيءَ کي تڪليف پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ان جي خلاف سازشون ڪيون وينديون آهن جنهن سان فتنو ۽ فساد پيدا ٿيندو آهي. اڄڪلهہ انهيءَ جا مثال ظاهر ظهور ڏسي سگهجن ٿا. اللّٰه تعالیٰ اسان سڀني کي انهيءَ هلاڪ ڪندڙ بيماري کان بچائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گذريل اُمّتن جي بيماري

ياد رهي تہ بُغض ۽ ڪِينو اڄڪلھ جي پيداوار ناهي بلڪ تمام پراڻي بيماري آهي، اسان کان اڳيون اُمَّتون بہ انهيءَ جو شڪار ٿينديون رهيون آهن. **دافعِ رنج و مَلال، صاحبِ جُود و نَوال** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باڪمال آهي: ”تمام جلد منهنجي اُمّت کي اڳين اُمّتن جي بيماري لاحق ٿيندي.“ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ”اڳين اُمّتن جي ڪهڙي بيماري آهي؟“ تہ **حُضُور تاجدار مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”تَڪبُّر ڪرڻ، آڪڙ ڪرڻ، هڪ ٻئي جي گِلا ڪرڻ ۽ دُنيا ۾ هڪ ٻئي تي سبقت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، پڻ پاڻ ۾ بُغض رکڻ، بُخل ڪرڻ ايتري تائين جو اهو ظلم ۾ تبديل ٿي وڃي ۽ پوءِ فِتنو فساد بڻجي پوي.“

(المعجم الاوسط، ج 6 ص 348 الحديث 9016)

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی
بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڪيني جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دِل ئي دِل ۾ پيدا ٿيڻ وارو ڪِينو دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪهڙن ڪهڙن نقصانن جو سبب بڻجندو آهي! ڪجھ جھلڪيون ملاحظہ ڪيو:

## ﴿1﴾ چُغل خوري ۽ ڪِينو دوزخ ۾ وڃي ويندا

**سرڪارِ عالي وقار، مدينې جي تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِنَّ النَّمِيْمَةَ وَالْحِقْدَ فِي النَّارِ لَا يَجْتَمِعَانِ فِيْ قَلْبِ مُسْلِمٍ بيشڪ چغل خوري

۽ ڪينو جهنم ۾ آهن، اهي ٻئي ڪنهن مسلمان جي دِل ۾ گڏ نہ ٿا ٿي سگهن. (المعجم الاوسط، 3 ص 301، حديث 4653)

اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ! جهنم جا عذاب ايتري قدر خوفناڪ ۽ دهشتناڪ آهن جو اسان تصوُّر بہ نہ ٿا ڪري سگهون، ڪيترين ئي حديثن ۽ روايتن ۾ هي مضمون موجود آهي تہ دوزخين کي ذِلّت ۽ رُسوائي جي حالت ۾ جهنم ۾ داخِل ڪيو ويندو، اُتي دُنيا جي باھ کان ستّر ڀيرا وڌيڪ تيز باھ هوندي جيڪا گلن کي ساڙي ڪوئلو ڪري ڇڏيندي، هڏين کي سُرمو بڻائي ڇڏيندي، انهيءَ تي سخت دُونهون جنهن سان ساھ مُنجهندو، اونداهي ايتري جو هٿ کي هٿ نہ سُجهندو، ٻُک اُڃ جا ستايل، زنجيرن ۾ ٻڌل جهنمي کي جڏهن پيئڻ لاءِ اُبرندڙ بدبودار پونءِ ڏني ويندي تہ وات جي ويجهو ٿيندي ئي اُن جي گرمائش جي ڪري وات جي کل ڳري ڪِري پوندي، کائڻ جي لاءِ ڪنڊيدار ٿوهر ملندو، لوھ جي وڏن وڏن هٿوڙن سان انهيءَ کي ڪُٽيو ويندو. اهڙي قِسم جي بيشمار ڏک، غم ۽ تڪليفن سان ڀرپور جڳھ هوندي. جتي ٻين گنهگارن سان گڏوگڏ چُغل خور ۽ ڪِينو رکندڙ بہ ويندا. اسان **قَهرِ قَهّار ۽ غَضَبِ جبّار کان انهيءَ جي پناهہ جا طلبگار آهيون.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿2﴾ بخشش نہ ٿيندي

رسولِ نذير، سِراجِ مُنير، محبوبِ ربِّ قدير صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: هر سومر ۽ خميس جي ڏينهن ماڻهن جا اعمال

ناما پيش ڪيا وڃن ٿا، پوءِ بُغض ۽ ڪيني رکندڙ ٻن ڀائرن کان سواءِ هر مؤمن کي بخشيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي: اُتْرُكُوْا آوارْكُوْا هٰذَيْنِ حَتّٰى يَفِيْئَا انهن ٻنهيءَ کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو اهي انهيءَ بُغض کان واپس موٽن. (صحيح مسلم ص 1388، الحديث 2565)

مسلمانن جو ڪِينو پنهنجي سيني ۾ رکڻ وارن لاءِ رُئڻ جو مقام آهي جو خداءِ رحمٰن طرفان هر سومر ۽ خميس تي بخشش جا پروانا ورهايا ويندا آهن پر ڪينو رکندڙ پنهنجي قلبي بيماري جي سبب بخشجي وڃڻ وارن خوشنصيبن ۾ شامل ٿيڻ کان محروم رهجي ويندو آهي!

تجھے واسطہ سارے نبیوں کا مولیٰ
مِری بخش دے ہر خطا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ رحمت ۽ بخشش کان محرومي

الله جي مَحبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّه عَنِ العُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ شعبان جي پندرهين رات پنهنجي ٻانهن تي (پنهنجي قدرت جي شاياِن شان) تجلّي فرمائيندو آهي، بخشش گهرڻ وارن جي بخشش فرمائيندو آهي ۽ رحم طلب ڪرڻ وارن تي رحم فرمائيندو آهي جڏهن ته ڪيني رکندڙن کي انهن جي حالت تي ڇڏي ڏيندو آهي. (شعب الايمان ج 3 ص 382 حديث 3835)

## نازڪ فيصلن جي رات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سَيِّدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مَروي فرمانِ مُصطفٰی صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ هي به آهي ته

**شعبان جي پندرهين رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽** (انهيءَ سال) **حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن.**
(تفسير الدُّرّالمَنثور ج 7 ص 402، سورة الدخان، تحت الاٰية 5)

**ٿورو غور فرمايو تہ پندرهين شَعْبَانُ الْمُعَظَّم جي رات ڪيتري نازُڪ آهي! خبر ناهي تہ ڪنهن جي قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي! اهڙي اهم رات ۾ ڪينو رکندڙ بخشش ۽ مغفرت جي خيرات کان محروم رهندو آهي.**

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ
گناہوں سے ہردَم بچا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿4﴾ جنت جي خوشبوءِ بہ نہ لهندو

**حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عِياض** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَهَّاب **خليفي هارون رشيد کي هڪ ڀيري نصيحت ڪندي فرمايو: ”اي حسين و جميل چهري وارا! ياد رک! سڀاڻي قِيامت جي ڏينهن الله** عَزَّوَجَلَّ **توکان مخلوق جي باري ۾ سوال ڪندو. جيڪڏهن تون چاهين تہ تنهنجو اهو خوبصورت چهرو جهنم جي باھ کان بچي تہ ڪڏهن بہ صبح يا شام انهيءَ حال ۾ نہ ڪجان جو تنهنجي دِل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ ڪِينو يا عَداوت هجي. بيشڪ رسولُ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ارشاد فرمايو: مَنْ اَصْبَحَ لَهُمْ غَاشًّا لَمْ يَرِحْ رَائِحَةَ الْجَنَّةِ جنهن انهيءَ حال ۾ صبح ڪئي جو اهو ڪِينو رکندڙ آهي تہ اهو جنّت جي خوشبوءِ نہ سُونگهندو. اهو ٻڌي خليفو هارون رشيد روئڻ لڳو.** (حلية الاولياء، ج 8 ص 108، الحديث 11536)

عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہوجا
گرکرم کردےتو جنّت میں رہوں گا یاربّ! (وسائلِ بخشش ص۹۱)

## ﴿5﴾ ايمان برباد ٿيڻ جو خطرو

ايمان هڪ اَڻ مُلهه دولت آهي ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ايمان جي سلامتي کان اهم ڪا به شيءِ نٿي ٿي سگهي پر جيڪڏهن اهو بُغض ۽ حَسَد ۾ مُبتلا ٿي ويو ته ايمان کسجڻ جو خطرو آهي. جيئن ته حضور اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عِبرت نشان آهي: دَبَّ اِلَيْكُمْ دَاءُ الْاُمَمِ قَبْلَكُمُ الْحَسَدُ وَالْبَغْضَاءُ هِيَ الْحَالِقَةُ لَا اَقُوْلُ تَحْلِقُ الشَّعْرَ وَلٰكِنْ تَحْلِقُ الدِّيْنَ توهان ۾ اڳين اُمّتن جي بيماري حَسَد ۽ بُغض عام ٿي وئي آهي، اها ڪُوڙڻ واري آهي، مان نه ٿو چوان ته اها وار ڪُوڙيندي آهي بلڪ اها دين کي ڪُوڙي ڇڏيندي آهي.

(سنن الترمذي ج 4 ص 228 حديث 2518)

مُفَسِّرِ شَهِير، حَكِيمُ الاُمَّت، حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: اهڙي طرح جو دين ۽ ايمان کي پاڙان پَٽي ڇڏي ٿي، ڪڏهن انسان بُغض ۽ حَسَد ۾ اسلام ئي ڇڏي ڏيندو آهي. شيطان به انهيءَ ٻنهيءَ بيمارين جو ماريل آهي.

(مِراةُ المناجيح ج 6 ص 615)

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی (وسائل بخشش ص ۷۸)

## ﴿6﴾ دُعا قبول نه ٿيندي

حضرت سَيِّدُنا فقيه ابو اللَّيث سَمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی فرمائن ٿا: ٽي اهڙا شخص آهن جن جي دُعا قبول نه ڪئي ويندي: (پهريون) حرام کائڻ وارو (ٻيون) ڪثرت سان گِلا ڪندڙ ۽ (ٽيون) اهو شخص جنهن جي دِل ۾ پنهنجي مسلمان ڀائرن جو ڪِينو ۽ حَسَد موجود هجي.

(دُرَّةُ النَّاصِحِين ص 70)

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ضرورتون طلب ڪرڻ جو بهترين وسيلو دُعا آهي، انهيءَ جي ذريعي ٻانها پنهنجي مَن جون مُرادون يا آخرت جو خزانو حاصل ڪندا آهن پر ڪِينو رکندڙ پنهنجي ڪيني جي سبب دُعائن جي قبوليّت کان محروم رهندو آهي.

میں منگتا تُو دینے والا
یااللّٰہ مِری جھولی بھر دے (وسائل بخشش ص ۱۰۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿7﴾ دينداري نه ٿيڻ

حضرت سَيِّدُنا حَاتِمِ اَصم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاَكْرَم جن ارشاد فرمايو: ڪِينو رکندڙ ڪامِل دیندار ناهي هوندو، ماڻهن تي عيب لڳائيندڙ خالِص عبادت گذار ناهي هوندو، چُغَل خور کي اَمَن نصيب ناهي ٿيندو ۽ حاسِد جي مدد ناهي ڪئي ويندي. (منهاج العابدين ص 75)

معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪِينو، عيب جوئي، چُغل خوري ۽ حَسَد ۾ مُبتلا هوندو ته اهو مُتَّقي ۽ پرهيزگار چورائڻ جو حقدار نه آهي ظاهري طور اهو ڪيڏو نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت هجي، اللّٰه تعالیٰ اسان کي ظاهِر و باطن ۾ نيڪ بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿8﴾ ٻين گناهن جو دروازو کُلي پوندو آهي

ڪاوڙ مان ڪِينو پيدا ٿيندو آهي ۽ ڪيني سان اَٺ هلاڪ ڪندڙ شيون پيدا ٿين ٿيون: انهن مان هڪ هي آهي ته ڪِينو رکندڙ

حَسَد ڪندو يعني ڪنهن جي غم سان خوش ٿيندو ۽ ان جي خوشي سان غمگين. **پيو** هي ته شَماتَت ڪندو يعني ڪنهن کي ڪا مصيبت پهچندي ته خوشي جو اِظهار ڪندو. **ٽيون** هي ته ڳِلا، ڪُوڙ ۽ بيهودگي سان ان جي رازن کي ظاهر ڪندو. **چوٿون** هي ته ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندو ۽ سلام جو جواب نه ڏيندو. **پنجون** هي ته ان کي حقارت جي نظر سان ڏسندو ۽ ان تي زبان درازي ڪندو. **ڇهون** هي ته انهيءَ تي ٺٺول ڪندو. **ستون** هي ته انهيءَ جو حق ڦٻائيندو ۽ صِلہ رحمي نه ڪندو يعني رشتيدارن سان مُرَوَّت نه ڪندو ۽ مائٽن جا حق ادا نه ڪندو ۽ انهن سان انصاف نه ڪندو ۽ معافي طلب نه ڪندو. **اٺون** هي ته جڏهن اُن کي موقعو ملندو ته انهيءَ کي ضَرَر (يعني نقصان) پهچائيندو ۽ ٻين کي به اُن کي ايذاءُ ڏيڻ تي اُڀاريندو. جيڪڏهن ڪو وڏيڪ ديندار آهي ۽ گُناهن کان بچي ٿو ايترو ته ضرور ڪندو جو انهيءَ سان جيڪو اِحسان ڪندو هو انهيءَ کي روڪي ڇڏيندو ۽ اُن سان شفقت سان پيش نه ايندو ۽ نه اُن جي ڪمن ۾ سرگرم رهندو ۽ نه ان سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر ۾ شريڪ ٿيندو ۽ نه ان جي تعريف ڪندو. اهي سڀئي ڳالهيون ماڻهو جي نقصان ۽ ان جي خرابي جو باعث بڻجنديون آهن.

(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 606 ملخصًا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ڪيني جي ڪري انسان ٻين گناهن ۽ برائين جي ڏُٻڻ ۾ ڪهڙي طرح ڦاسي پوندو آهي.

گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی
مِرا حشر میں ہوگا کیا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿9﴾ ڪِينو رکندڙ بي سُڪون رهندو آهي

ڪِيني رکندڙ جا ذينهن ۽ راتيون تڪليف ۽ غم ۾ گذرندا آهن ۽ اهو ڪم همت تي پوندو آهي. ٻين جي واڌ ۾ رُڪاوٽون پيدا ڪندو آهي ۽ پاڻ بہ ترقّي کان محروم رهندو آهي. امام شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡكَافِي فرمائن ٿا: ”اَقَلُّ النَّاسِ فِي الدُّنۡيَارَاحَةً اَلۡحَسُوۡدُ وَالۡحَقُوۡدُ“ دُنيا ۾ ڪِينو رکندڙ ۽ حَسَد ڪندڙ سيني کان گهٽ سُڪون حاصل ڪندا آهن.“ (تَنۡبِيۡهُ الۡمُغۡتَرِيۡن ص 184)

هر انسان سُڪون جي تلاش ۾ هوندو آهي پر بيوقوف ڪِيني رکندڙ کي خبر ئي نہ هوندي آهي تہ سُڪون جي واٽ روڪڻ واري شيءِ تہ اُن پنهنجي سيني ۾ پالي رکي آهي، انهيءَ هوندي دِل کي چين ڪٿان نصيب ٿيندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾ مُعاشري جو سُڪون برباد ٿي ويندو آهي

جيئن تہ صفحي نمبر 6 تي گذريو تہ مُعاشري جو سُڪون برباد ڪرڻ ۾ ڪيني جو وڏو ڪردار آهي، هي ڀاءُ کي ڀاءُ سان ويڙهائي ڇڏيندو آهي، خانداني نظام تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي، هڪ برادري کي ٻي برادري جو مُخالِف بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ هي شريعت جي مِزاج جي خلاف آهي ڇو جو مسلمان کي تہ هڪ ٻئي جو ڀاءُ ٿي رهڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

## توهان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي رهو

مديني جي سُلطان، رحمتِ عالميان، سَرۡوَر ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتُحَاسِدُوۡا وَلَا تُبَاغِضُوۡا وَلَا تُدَابِرُوۡا وَكُوۡنُوۡا عِبَادَ اللّٰهِ اِخۡوَانًا يعني پاڻ ۾

حَسَد نہ ڪريو، پاڻ ۾ بُغض ۽ عَداوت نہ رکو، پرپُٺ هڪ ٻئي جي بُرائي بيان نہ ڪيو ۽ اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانهؤ! ڀاءُ ڀاءُ ٿي وڃو.
(صحيح البخاري ج 4 ص 117 حديث 6066)

مُفَسِّرِ شَهِير، حَكِيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني بدگماني حَسَد، بُغض وغيره اُهي شيون آهن جن سان مَحَبَّت ختم ٿي ويندي آهي ۽ اسلامي ڀائيچارو مَحَبَّت چاهيندو آهي، انهيءَ لاءِ اهي عيب ڇڏيو تان جو ڀاءُ ڀاءُ ٿي وڃو. (مِراٰةُ الْمناجيح، ج 6 ص 608)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمان تہ هڪ ٻئي جا مُحافِظ هوندا آهن

نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِنَّ الْمُؤْمِنَ لِلْمُؤْمِنِ كَالْبُنْيَانِ يَشُدُّ بَعْضُهُ بَعْضًا يعني: بيشڪ مؤمن جي لاءِ مؤمن عمارت جي مِثل آهي جنهن جو هڪ حصو ٻئي حصي کي مضبوط ڪندو آهي. (صحيح البخاري ج 1 ص 181، حديث 481)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گوشہ نشيني جو سبب

جڏهن حضرت سَيِّدُنا امام جَعفر صادِق عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْخَالِق تارِڪُ الدّنيا (يعني گوشہ نشين) ٿيا تہ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثَوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري چيو: تارِڪُ الدّنيا ٿيڻ سان مخلوق اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ جي فُيُوض و بَرَڪات کان محروم ٿي وئي آهي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ انهيءَ جي جواب ۾ هينيان ٻہ شعر پڙهيا:

ذَهَبَ الْوَفَاءُ ذِهَابَ اَمْسِ الذَّاهِبِ وَالنَّاسُ بَيْنَ مُخَايِلٍ وَّ مَارِبِ

يُفْشُوْنَ بَيْنَهُمُ الْمَوَدَّةَ وَالْوَفَا وَقُلُوْبُهُمْ مَحْشُوَّةٌ بِعَقَارِبِ

يعني وفا ڪنهن وچڙ واري ڪالهه وانگر هلي وئي ۽ ماڻهو پنهنجي خيالن ۽ ضرورتن ۾ غرق ٿي ويا. ماڻهو هونءَ ته هڪ ٻئي سان مَحَبَّت ۽ وفا جو اِظهار ڪندا آهن پر انهن جون دِليون هڪ ٻئي جي بُغُض ۽ ڪيني جي وِچوئن سان ڀريل هونديون آهن! (تذکرة الاولياء ص 22)

**شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **انهيءَ حڪايت کي نقل ڪرڻ کان بعد لکن ٿا: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏنو اوهان! **سَيِّدُنا امام جَعۡفر صادِق** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡخَالِق **ماڻهن جي مُنافِقَت** واري ورتاءُ کان بيزار ٿي **خَلۡوَت** (اڪيلائي) اختيار ڪئي. انهيءَ پاڪيزه زماني ۾ به اها صورتِ حال هئي، اڄ ته جيڪو حال بي حال آهي انهيءَ جي شڪايت ڪنهن سان ڪجي. آهه! اڄڪلهه ته گهڻن ماڻهن جو حال ئي عجيب ٿي ويو آهي جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته هڪ ٻئي سان نهايت تعظيم سان پيش ايندا آهن ۽ گهڻو حال اَحوال پُڇندا آهن، هر طرح سان ڀليڪار ۽ وڏي مهمان نوازي ڪندا آهن، ڪيڏي مهل ٺڏي بوتل پياري خوش ڪندا آهن ته ڪيڏي مهل چانهه پياري، پان گٽڪي سان وات ڳاڙهو ڪندا آهن. ظاهر ۾ کِلي کِلي خوش ڪلامي ۽ قيل و مَقال ڪندا آهن پر پنهنجي دِل ۾ انهيءَ جي باري ۾ بُغُض ۽ ڪينو رکندا آهن. (غيبت جون تباهه ڪاريون، ص 108)

ظاہر و باطن ہمارا ایک ہو
یہ کرم یامصطفٰے فرمائیے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُغُض** ۽ ڪيني ۽ قسمين قسمين جي ظاهري ۽ باطني گناهن کان بچڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ لاءِ تبليغ قراٰن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جو

مَدَني ماحول ڪنهن نعمتِ عُظميٰ کان گهٽ ناهي، انهيءَ سان هر وقت وابسته رهو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اِنهيءَ سان وابسته ٿيڻ وارين جي زندگين ۾ حيرت انگيز تبديليون بلڪ مَدَني اِنقلاب برپا ٿي ويندو آهي. انهيءَ ضمن ۾ هڪ مَدَني بهار ملاحظ ڪيو:

## زندگي جو انداز بدلجي ويو

لوڌران (پنجاب، پاڪستان) جي پاسي واري علائقي سُوئي والا ۾ رهندڙ اسلامي ڀاءُ جو لکت ۾ بيان ڪجھ هن ريت آهي: مان نِت نَون فيشنن جو چاهيندڙ ۽ فِلمن ڊرامن جو ايتري قدر ته شوقين هوندو هئس جو اسان جي علائقي ۾ مِني سينما هلائڻ وارا به مون کان پُڇي فِلمون گهرائيندا هئا. هر نئون گانو پهريان اسان جي سِلائي واري دُڪان تي ٻُڌو ويندو هو. مان بدنگاهي ۽ گندي فلمن ڏسڻ واري بُري عادت ۾ به مُبتلا هئس. غالبًا 1993ع جي ڳالهه آهي جو مان ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ باب المدينه ڪراچي ويس، انهيءَ دوران ماروٿ سان گڏ ڪورنگي ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس پر پنهنجو وقت گُهمڻ ڦرڻ ۾ گذاري پنهنجي شهر واپس موٽي آيس، انهيءَ لاءِ منهنجي عادتن ۽ طور طريقن ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي، ايترو ضرور ٿيو جو مان دعوتِ اسلامي سان مَحبَّت ڪرڻ لڳس. پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿيو جو اسان جي علائقي ۾ لوڌران مان ٽن ڏينهن جو مَدَني قافلو آيو. مَدَني قافلي ۾ شريڪ عاشِقانِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مون ٽن ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪئي. خميس تي وڃڻو هو پر مان ڪنهن مجبوري جي ڪري سفر نه ڪري سگهيس ليڪن لوڌران وڃي هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾

شرڪت ضرور ڪئي. جڏهن مان اجتماع ۾ پهتس ته رِقّت انگيز دُعا ٿي رهي هئي، دُعا لاءِ ويهندي ئي منهنجي اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا ۽ دِل تي گناهن جي ڪارڻ ڏوپجڻ شروع ٿي وئي. اڳين خميس تي اسان تقريبًا 20 اسلامي ڀائر هفتيوار اجتماع ۾ پهتاسين، ائين اسان جي علائقي مان اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري بين الاقوامي اجتماع ۾ به اسان جي علائقي مان بس ڀرجي وئي. مَدَني ماحول جي بَرڪت سان مون نه صرف فلمون ڏسڻ ڇڏي ڏنيون بلڪ ڳانن جي ڪيسٽن تي بيانات ڀرايم، جنهن تي منهنجو وڏو ڀاءُ خفا به ٿيو پر مون حڪمتِ عملي سان ترڪيب ٺاهي.

**اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ! منهنجي مَدَني ماحول ۾ اچڻ جي برڪت سان والد صاحب ۽ وڏي ڀاءُ به چهري تي ڏاڙهي سجائي. **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ! آئون مَدَني قافلن ۾ سفر ڪندو رهيس ۽ پنهنجي علائقي جي مَدَني ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، ائين ڏينهن مان ڏينهن وڌندو رهيو ۽ علائقي ۾ ڪيترائي اسلامي ڀائر دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿيا. پوءِ منهنجي شادي به مَدَني ماحول جي ترڪيب سان ٿي، ناچ ڳانن جي بدران نعت خواني ۽ سُنّتن ڀريي بيان جو سلسلو ٿيو ۽ ڄَڃ به نعتن جي صدائن ۾ رواني ٿي. منهنجا مٽ مائٽ ۽ دوست حيرت جو اِظهار ڪري رهيا هئا ته اسان اهڙي شادي پهريون ڀيرو ڏٺي آهي. شادي جي ڪجھ سالن کان پوءِ منهنجو هڪ ٻيو ڀاءُ جيڪو وڏو فيشن وارو هو ان به سادگي اختيار ڪئي ۽ چهري تي ڏاڙهي سجائي. جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿيو ايترو ته گهڻو ايصالِ ثواب ڪيو ويو جو ٻڌڻ وارا حيران رهجي ويا جو اسان

پنهنجي زندگي ۾ ايترو ايصالِ ثواب ڪنهن جي لاءِ ناهي ٻُڌو، اهي دعوتِ اسلامي جون برڪتون آهن. **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ! پهريان علائقائي مشاورت ۾ بطورِ خادِم (نگران) ڪم ڪيو، پوءِ ڊويزن سطح تي مَدَني انعامات جي ذميداري ملي، پوءِ صوبائي مُشاورت ۾ مَدَني قافلہ ذميدار ٿيس، هاڻي هي سٽون لکڻ تائين ڊويزن مُشاورت ۾ خادِم (يعني نگران) ۽ ڪابينہ سطح تي مَدَني عطيات باڪس جي ذميداري نڀائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهيان.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فیضانِ غوث ورضا مَدَنی ماحول
بفیضانِ احمد رضا اِن شاءَ اللّٰہ یہ پُھولے پھلے گا سدا مَدَنی ماحول

(وسائل بخشش، ص 604)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدترين بُغض و ڪِينو

عام مسلمانن سان بنا ڪنهن شرعي سبب جي ڪِينو رکڻ بيشڪ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي پر صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، ساداتِ عظام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم، علماءِ ڪرام ۽ عَربن سان بُغض ۽ ڪِينو رکڻ انهيءَ ڪان وڌيڪ بُرو آهي. ائين ڪرڻ واري جي سخت مذمّت ڪئي وئي آهي.

## صحابہ ڪرام سان بُغض رکڻ جي سخت وعِيد

حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن مُغَفَّل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه ڪان مروي آهي تہ رسولِ نذير، سِراج مُنير، محبوبِ ربِّ قدير صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ منهنجي اَصحاب جي حق ۾ خدا ڪان ڊڄو! خدا جو خوف ڪريو!! انهن کي مون ڪان بعد نشانو نہ بڻائجو، جنهن انهن کي محبوب

رکيو منهنجي مَحَبَّت جي ڪري محبوب (يعني پيارو) رکيو ۽ جنهن انهن سان بُغض ڪيو اهو مون سان بُغض رکي ٿو، ان ڪري اُنهيءَ انهن سان بُغض رکيو، جنهن انهن کي ايذاءُ ڏنو اُنهيءَ مون کي ايذاءُ ڏنو، جنهن مون کي ايذاءُ ڏنو اُنهيءَ بيشڪ **الله** تعالیٰ کي ايذاءُ ڏنو. قريب آهي جو **الله** عَزَّوَجَلَّ اُنهيءَ جي پڪڙ ڪري.

(سنن ترمذي ج 5 ص 463 حديث 3888)

صدرُ الافاضِل، حضرت علّامہ مولانا محمد نعيم الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: مسلمان کي گهرجي تہ صحابہ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جو گهڻو ادب رکي ۽ دِل ۾ ان جي عقيدت ۽ **مَحَبَّت** کي جڳهہ ڏئي. انهن جي **مَحَبَّت** حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي **مَحَبَّت** آهي ۽ جيڪو بدنصيب صَحابہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي شان ۾ بي ادَبي ڪري اهو خدا ۽ رسول جو دشمن آهي، مسلمان اهڙي شخص سان گڏ نہ ويهي. (سوانح ڪربلا ص 31) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ فرمائن ٿا:

اہلسنّت کا ہے بَیڑا پار اَصحابِ حُضُور
نَجم ہیں اورناؤ ہے عِترَت رسولُ اللہ کی (حدائقِ بخشش ص ۱۵۳)

(يعني اهلسنّت جو ٻيڙو پار آهي ڇو تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان انهن لاءِ تارن جي مثل ۽ اهلبيت اَطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻيڙي وانگر آهن)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان بُغض ۽ عداوت رکڻ واري جو ڀوائتو انجام

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان بُغض ۽ عداوت رکڻ دارَين (يعني دُنيا ۽ آخرت) ۾ نقصان ۽ خساري جو سبب آهي. جيئن تہ حضرت سيِّدُنا نورُالدِّين عبدالرَّحمٰن جامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي

پنهنجي مشهور ڪتاب شَوَاهِدُ النُّبُوَّة ۾ نقل ڪن ٿا: ٿي شخص يَمَن جي سفر تي نڪتا انهن ۾ هڪ ڪُوفي جيڪو شيخَين ڪريمَين (حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا) جو گُستاخ هو، انهيءَ کي سمجهايو ويو پر اهو نہ مُڙيو. جڏهن اهي ٽئي يمن جي ويجهو پهتا تہ هڪ جاءِ تي ترسيا ۽ سُمهي پيا. جڏهن هلڻ جو وقت آيو تہ انهن مان ٻن ڄڻن اٿي وُضو ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ گُستاخ ڪُوفي کي جاڳايائون. اهو اٿي چوڻ لڳو: افسوس! مان توهان کان انهيءَ منزل ۾ پوئتي رهجي ويو آهيان توهان مون کي نيڪ ان وقت جاڳايو جڏهن شَهَنْشاهِ عجم و عرب، محبوبِ ربّ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي سيراندي تشريف فرما ٿي چوڻ لڳا: اي فاسق! الله عَزَّوَجَلَّ فاسق کي ذليل ۽ خوار ڪندو آهي، انهيءَ سفر ۾ تنهنجي صورت بدلجي ويندي. جڏهن اهو گُستاخ اُٿي وُضو لاءِ وينو تہ انهيءَ جي پيرن جون آڱريون مَسخ ٿيڻ (يعني بگڙجڻ) شروع ٿي ويون، پوءِ انهيءَ جا ٻئي پير پولي جي پيرن وانگر ٿي ويا، پوءِ گوڏن تائين پولي وانگر ٿي ويو، ايتري تائين جو ان جو سڄو بدن پولي وانگر ٿي ويو. انهيءَ جي ساٿين ان پولي نما گُستاخ کي پڪڙي اُٺ جي پلاڻ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ پنهنجي منزل ڏانهن روانہ ٿيا. سج لهڻ وقت اُهي هڪ اهڙي جَهنگل ۾ پهتا جتي ڪجهہ پولا گڏ هئا، جڏهن اُن اُنهن کي ڏٺو تہ مُضطَرِب (يعني بيتاب) ٿي رَسو ڇڏائي وڃي اُنهن سان مليو. پوءِ سيئي پولا انهن ٻنهي جي ويجهو آيا تہ هي خائف (يعني خوفزده) ٿيا پر انهن ٻنهي کي ڪا تڪليف نہ ڏني ۽ اهو پولي نما گُستاخ انهن ٻنهي وٽ اچي وينو ۽ انهن کي ڏسي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن پولا واپس ٿيا تہ هي بہ انهن سان گڏ هليو

ويو. (شَوَاهِدُ النُّبُوَّة ص 203)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! شيخينِ ڪريمَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا جو گُستاخ ڀولو ڀڄجي ويو. ڪنهن ڪنهن کي اهڙي طرح سزا ڏئي ماڻهن جي لاءِ عِبرت جو نمونو بڻايو ويندو آهي ته جيئن ماڻهو ڊڄن، گناهن ۽ گُستاخين کان مُڙن. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي صحابہ ڪرام ۽ اهلبيت عِظام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان مَحبَّت ڪرڻ وارن ۾ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سادات سان بُغض رکڻ واري کي حوضِ ڪوثر تي ڇَهبُڪ هنيا ويندا

حضرت سيِّدُنا حَسن بن علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: اسان سان بُغض نہ رکجو جو رسولِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سَيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَايُبْغِضُنَا وَ لَايَحْسُدُنَا اَحَدٌ اِلَّا ذِيْدَ عَنِ الْحَوْضِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِسِيَاطٍ مِنْ نَارٍ جيڪو شخص اسان سان بُغض يا حَسَد ڪندو، انهيءَ کي قيامت جي ڏينهن حوضِ ڪوثر تي باهہ جي ڇَهبُڪن جي ذريعي پري ڪيو ويندو. (المعجم الاوسط، ج 2 ص 33 حديث 2405)

## اهلبيت جو دشمن دوزخي آهي

هڪ وڏي حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص بيتُ الله شريف جي هڪ ڪُنڊ ۽ مقامِ ابراهيم جي وچ ۾ وڃي نماز پڙهي ۽ روزا رکي ۽ پوءِ اهو اهلِ بيت جي دشمني ۾ مري وڃي تہ اهو جهَنَّم ۾ ويندو. (المستدرڪ، ج 4 ص 129، 130 حديث 4766)

حُبِّ سادات اے خدا دے واسِطہ
اہلبیتِ پاک کا فریاد ہے (وسائلِ بخشش ص۵۰۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عَرَبن سان بُغض ۽ ڪَدُورت رکڻ وارو شفاعت کان محروم

عَرَب ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ وارا ڪجھ ماڻھو **عَرَبن** کي گھٽ وڌ ڳالھائيندا آھن ۽ ڪجھ حاجي بہ، انھيءَ کان بچڻ ضروري آھي. **حضرت سيِّدُنا عثمان بن عَفّان** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آھي تہ نبِيِّ مُحتَشَم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ غَشَّ الْعَرَبَ لَمْ يَدْخُلْ فِيْ شَفَاعَتِيْ وَ لَمْ تَنَلْهُ مَوَدَّتِيْ جنھن عَرَب وارن سان **بُغض** ۽ **ڪَدُورت** رکي منھنجي شفاعت ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ نہ ئي انھيءَ کي منھنجي **مَحَبَّت** نصيب ٿيندي. (سُنَن الترمذي، ج 5 ص 487، حديث 3954)

## جنھن عَرَبن سان بُغض رکيو ان مون سان بُغض رکيو

محبوبِ ربّ، تاجدارِ عَرَب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عِبرت نشان آھي: **عَرَب جي مَحَبَّت** ايمان آھي ۽ انھن جو **بُغض** **ڪُفر** آھي، جنھن **عَرَب** سان **مَحَبَّت** ڪئي انھيءَ مون سان **مَحَبَّت** ڪئي ۽ جنھن ان سان **بُغض** رکيو انھيءَ مون سان **بُغض** رکيو.
(اَلْمُعجَمُ الْاَوْسَط، ج 2 ص 66، حديث 2537)

## عَرَب سان بُغض ڪڏھن ڪُفر آھي؟

حضرتِ علّامہ مَناوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْقَوِی جي فرمان جو خلاصو آھي: سَرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **عَرَبي** آھن ۽ قراٰن بہ عَرَبن جي زبان ۾ آھي، انھيءَ نسبت جي ڪري جيڪڏھن ڪو **عَرَبن** سان **بُغض** رکي تہ انھيءَ سان سُلطانِ عَرَب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **بُغض** لازم ايندو

جيڪو ڪُفر آهي. (فَيضُ القدير للمناوي ج 1 ص 231، تحت الحديث 225)

## ٽن سببن جي ڪري عَرَب سان مَحَبّت رکو

سرڪارِ مدينہ منوّره، سردارِ مڪّہ مُڪَرَّمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مَحَبَّت نشان آهي: ٽن سببن جي ڪري عَرَب سان مَحَبّت رکو، انهيءَ لاءِ تہ (1) مان عَرَبي آهيان (2) قُراٰن شريف عَرَبي آهي (3) جنّتين جي ٻولي عَرَبي آهي. (شُعَبُ الْاِيمان، ج 2 ص 230 الحديث 1610)

حسنِ یوسُف پہ کٹیں مصر میں انگُشتِ زناں

سر کٹاتے ہیں ترے نام پہ مردانِ عرب (حدائقِ بخشش ص 58)

(کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ص 286 تا 299 ملتقطًا)

## ڇا عَرَب جي ڪافرن سان بہ مَحَبّت رکڻي پوندي

مَحَبَّت ايمان سان مشروط آهي، انهيءَ ڪري عَرَب جي ڪافرن ۽ مُرتدن سان مَحَبَّت تہ پري جي ڳالهہ، بلڪ انهن سان عَداوت رکڻ واجِب آهي. جيئن تہ حضرت علّامہ مَناوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا: جيڪي اهلِ عَرَب ڪافِر يا مُنافِق آهن انهن سان بُغض رکڻ بُرو ناهي بلڪ واجِب آهي. (فيضُ القدير للمناوي، ج 1 ص 231 تحت الحديث 225)

## اهلِ عَرَب عَرَبي آقا جا هم قوم آهن

عَرَبي ماڻهو قومِيّت جي اعتبار سان جيئن تہ عَرَبي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان نسبت رکن ٿا انهيءَ لاءِ مَحَبَّت جو تقاضو بہ اهو آهي تہ جيڪي اهلِ عَرَب مسلمان آهن اُنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان زبان کي روڪيو وڃي، باقي اِنهن ۾ جيڪي ڪافر، مُرتد ۽ مُنافق آهن يقيناً اُهي بُرا آهن ۽ اُنهن کي بُرو ئي چيو ويندو. ڏسو! ابولَهَب بہ عَرَبي هو پر انهيءَ جي بُرائي ۾ قراٰن پاڪ جي هڪ

سڄي سورت سُوره لَهَب موجود آهي. بَهرحال جيڪڏهن عَرَبن مان ڪنهن جي طرفان بِالفرض اوهان کي ڪا ذاتي تڪليف پهتي به هجي تڏهن به صبر کان ڪم وٺجي. بلاشڪ انهيءَ هڪ جي ايذاءُ ڏيڻ سبب سيئي عَرَب وارا هر گز بُرا ناهن ٻڌجي ويا. اهلِ عَرَب سان مَحَبَّت جي لاءِ اسان غلامانِ مُصطفيٰ جي لاءِ اها ڳالهه ڪافي آهي جو اسان جا پيارا پيارا، مٺا مٺا **آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **عَرَبي** آهن.

ہائے کس وَقت لگی پھانس اَلَم کی دل میں
کہ بہُت دور رہے خارِ مُغیلانِ عرب (حدائق بخشش ص٦٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عِلم ۽ عالِم سان بُغض رکڻ وارو نہ ٿيءُ جو هلاڪ ٿي ويندين

سَرڪارِ مدينه، سُلطانِ باقرينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: اُغْدُ عَالِمًا اَوْ مُتَعَلِّمًا اَوْ مُسْتَمِعًا اَوْ مُحِبًّا وَلَا تَكُنِ الْخَامِسَةَ فَتَهْلِكَ عالِم ٿيءُ يا متعلِّم، يا عِلمي گفتگو ٻڌڻ وارو يا عِلم سان مَحَبَّت ڪرڻ وارو ٿيءُ ۽ پنجون (يعني عِلم ۽ عالِم سان بُغض رکندڙ[1]) نہ ٿيءُ جو هلاڪ ٿي ويندين. (الجامع الصغير ص 78، حديث 1213)

## عالِم دين سان هروڀرو بُغض رکندڙ مريضُ القَلب ۽ خبيث الباطن آهي

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رَضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 21 صفحي 129 تي فرمائن ٿا: (1) ”جيڪڏهن عالِم (دين) کي ان لاءِ بُرو چوي ٿو جو اهو ”عالِم“ آهي تہ صَريح ڪافِر آهي ۽ (2) جيڪڏهن عِلم جي ڪري اُنهيءَ جي تعظيم

(1) فيض القدير، ج 2 ص 22، تحت الحديث 1213

فرض سمجهندو آهي پر پنهنجي ڪنهن دُنياوي خُصُومت (يعني دشمني) جي ڪري بُرو سمجهي ٿو، گار ڏئي (ٿو ۽) نفرت ڪري ٿو تہ سخت فاسِق، فاجِر آهي ۽ (3) جيڪڏهن بنا ڪنهن سبب جي رنج (بُغض) رکي ٿو تہ مَرِيۡضُ الۡقَلۡب خَبِيۡثُ الۡباطِن (يعني دِل جو مريض ۽ ناپاڪ باطن وارو آهي) ۽ اُنهي (يعني خواه مخواه بُغۡض رکندڙ) جي ڪُفر جو انديشو آهي. "خلاصہ" ۾ آهي: مَنۡ اَبۡغَضَ عَالِماً مِّنۡ غَيۡرِ سَبَبٍ ظَاهِرٍ خِيۡفَ عَلَيۡهِ الۡكُفۡر يعني"جيڪو بنا ڪنهن ظاهري سبب جي عالِمِ دين سان بُغض رکي انهيءَ تي ڪُفر جو خوف آهي." (خُلاصَةُ الۡفَتاوىٰ، ج 4 ص 388)

مجھ کو اے عطّاؔر سُنّی عالموں سے پیار ہے
اِن شاءَ اللّٰہ دو جہاں میں میرا بیڑا پار ہے (وسائلِ بخشش، ص ۶۴۶)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يهودي طبيب جو امام مازري سان ڪِينو ۽ حَسَد

امام مازري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عليل (يعني بيمار) ٿي پيا (تہ) هڪ يهودي مُعالِج (يعني ڊاڪٽر، اوهان جو علاج ڪري رهيو) هو، تندرست ٿي ويندا هئا وري مَرَض موٽي ايندو هو، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو، آخر انهيءَ کي اڪيلائي ۾ گهرائي پڇا ڪيائون، انهيءَ چيو: جيڪڏهن اوهان سچ پڇيو تہ اسان وٽ انهيءَ کان وڏيڪ ثواب جو ڪم ناهي جو اوهان جهڙي امام کي مسلمانن جي هٿن مان ڦري وٺان. امام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی انهيءَ کي دَفع (يعني پري) فرمايو، مولىٰ تعالىٰ شفا ڏني، پوءِ امام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی طِبّ جي طرف توجُّہ ڏنو ۽ انهيءَ ۾ ڪتاب تصنيف ڪيائون ۽ شاگردن کي حاذِق اَطِبّا (يعني ماهر طبيب) بنائي ڇڏيو ۽ مسلمانن کي منع فرمايائون تہ ڪافِر طبيب کان ڪڏهن بہ علاج نہ

ڪرايو.[1] (فتاوىٰ رضويہ ج 21 ص 243)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام سان بُغض رکڻ واري جي توبہ

**بغداد شريف** جو هڪ تاجِر اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام سان گهڻو بُغض رکندو هو. هڪ ڏينهن حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي کي نمازِ جُمعہ پڙهي جلدي مسجد مان ٻاهر نڪرندي ڏسي دِل ۾ چوڻ لڳو ڏسو تہ سهي! هي پاڻ کي ولي پيو سڏائي! حالانڪ مسجِد ۾ انهيءَ جي دِل نہ ٿي لڳي تڏهن تہ نماز پڙهندي ئي جلدي ٻاهر نڪري ويو آهي. اُهو تاجِر اِهو سوچيندي ۽ چوندي اُنهيءَ جي پويان هلڻ لڳو. حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي ماني پچائيندڙ جي دُڪان تان ماني وٺي شهر جي ٻاهرين پاسي روانو ٿيو. تاجِر کي اهو ڏسي اجا وڌيڪ ڪاوڙ آئي ۽ چيائين، هي شخص صرف ماني لاءِ مسجِد مان نڪري آيو آهي ۽ هاڻي شهر کان ٻاهر ڪنهن وڻڪار ۾ ويهي کائيندو. تاجِر پيڇو ڪندي هي سوچيو تہ جيئن ئي ويهي ماني کائيندو تہ پڇا ڪندس چا ولي اهڙا هوندا آهن جيڪي ماني لاءِ مسجد مان جلدي نڪري اچن! اهڙي طرح تاجِر پويان هلڻ لڳو تان تہ حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي ڪنهن ڳوٺ جي هڪ مسجد ۾ داخل ٿيا. اُتي هڪ **بيمار ماڻهو** سُتو پيو هو، حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي اُنهيءَ بيمار جي سيراندي کان ويهي اُن کي پنهنجي مُبارڪ هٿ سان ماني کارائي، تاجِر اهو معاملو ڏسي حيران ٿي ويو. پوءِ ڳوٺ ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن وري

---

[1] ڪافِرن کان عِلاج ڪرائڻ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل فتاوىٰ رضويہ جلد 21 صفحي 238 تا 243 تي ملاحظ ڪيو.

مسجد ۾ آيو تہ ڏٺائين مريض اُتي سُتو پيو آهي پر حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَۃُ اللهِ الْکَافِي اُتي موجود ناهن. اُنهيءَ مريض کان پڇيو تہ ڪيڏانهن ويا؟ اُنهيءَ ٻڌايو تہ اُهي **بغداد** شريف ويا آهن. **تاجِر** پڇيو: **بغداد** هتان ڪيترو پري آهي؟ انهيءَ چيو: چاليهہ ميل. تاجِر سوچڻ لڳو تہ مان وڏي مصيبت ۾ ڦاسي پيس جو انهن جي پويان ايترو پري نڪري آيس ۽ **تَعَجُّب** آهي جو ايندي ڪا خبر نہ پئي پر هاڻي ڪيئن واپسي ٿيندي؟ پوءِ اُنهيءَ پڇيو تہ هاڻي وري اُهي هتي ڪڏهن ايندا؟ چيائين: ايندڙ جُمُعہ تي. لاچار تاجِر اُتي ئي رهي پيو جڏهن جُمُعي جو ڏينهن ٿيو تہ حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي عَلَيْهِ رَحْمَۃُ اللهِ الْکَافِي پنهنجي وقت تي تشريف فرما ٿيا ۽ مريض کي ماني کارايائون. پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِ اُنهيءَ تاجِر کي فرمايو: اوهان ڇو منهنجي پويان لڳا هئا؟ تاجِر عاجِزي سان عرض ڪيو: سائين منهنجي غَلَطي هئي! فرمايائون: اُٿو ۽ منهنجي پويان پويان هلندا اچو. اهڙي طرح اُهو سائين جن جي پويان هلڻ لڳو ۽ ٿوري ئي دير ۾ ٻئي **بغداد شريف** پهتا. **حضرت سيِّدُنا بِشرِ حافي** عَلَيْهِ رَحْمَۃُ اللهِ الْکَافِي **جي زنده ڪرامت ڏسي بغداد جي تاجِر اولياءِ ڪرام جي بُغض کان توبہ ڪئي ۽ اڳتي انهن پاڪ ماڻهن جو دِل سان مُعتَقِد بڻجي ويو.** (روض الرياحين ص 218)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صَدَقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے اولیا کی مَحبَّت عطا کر

تُو دیوانہ کر غوث کا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ، دِل ۾ خوفِ

خدا پيدا ڪرڻ، ايمان جي حفاظت جو فِڪر وڌائڻ، موت جو تصوُّر جمائڻ، پاڻ کي قبر ۽ جهنَّم جي عذاب کان ڊيڄارڻ، ظاهري ۽ باطني گناهن جي عادت ختم ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي سُنّتن جو پابند بڻائڻ، دِل ۾ عشقِ رسول جو ڏيئو ٻارڻ ۽ جنّتُ الفردوس ۾ مڪّي مَدَني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو شوق وڌائڻ لاءِ تبليغِ قُرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان هر وقت وابسته رهو، هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مَدَني قافلن ۾ سُنّتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ فِڪرِ مدينه جي ذريعي روزانو مَدَني انعامات جو رِسالو ڀري هر مَدَني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائيندا رهو. اچو اوهان جي ترغيب ۽ تَحريص لاءِ اوهان کي هڪ مَدَني بهار ٻڌايان:

## مامي جي انفرادي ڪوشش

چڪوال (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريبًا 20 سال) جو بيان پنهنجي انداز ۽ الفاظ ۾ پيش ڪيان ٿو: جڏهن مان مئٽرڪ ۾ هئس، اُن وقت دوستن سان گڏ سير و تفريح ڪرڻ، سنوڪر کيڏڻ، جهيڙو جهڳڙو، بدمعاشي ۽ داداگيري ڪرڻ، خوبصورت ڇوڪرن ۾ دلچسپي وٺڻ منهنجي بدترين معمولات ۾ شامل هئا. هڪ دوست جي دعوت تي پهريان سگريٽ پيئڻ شروع ڪيو پوءِ شراب نوشي جهڙي هلاڪ ڪندڙ نشي ۾ مُبتلا ٿي پيس. بُري صحبتن جو اهڙو ته چسڪو ٿيو جو مان ٽي ٽي ڏينهن ۽ ڪڏهن ته سڄو هفتو گهر نه ويندو هئس، منهنجي گندين عادتن سبب گهر وارا سخت پريشان هئا. منهنجو والد صاحب مون کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيو

پر مون تي ذري برابر اثر نہ ٿيو، آخرڪار انهن مون سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو، مان سڌرڻ بدران وڌيڪ بگڙجندو ويس. اٽڪل چار سال اِنهيءَ ڪيفيت ۾ گذري ويا، هڪ ڏينهن منهنجي ملاقات پنهنجي مامي سان ٿي جيڪو **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ هيو. اُنهن مون تي شفقت ڪندي منهنجو ذهن بڻايو تہ دعوتِ اسلامي ۾ ٿيڻ وارو **مَدَني تربيتي ڪورس** ڪيان. **اَلْحَمْدُلِلّٰهِ** عَزَّوَجَلَّ مان تيار ٿيس ۽ زندگي ۾ پهريون ڀيرو فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. مُبلّغ دعوتِ اسلامي جو بيان ٻڌي ڏڪي ويس ۽ سوچڻ تي مجبور ٿيس تہ ڪاش! مان تمام گهڻو پهريان **فيضانِ مدينہ** ۾ اچان ها ۽ پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪيان ها! بهرحال هتي مَدَني تربيتي ڪورس ۾ شامل ٿي مون کي نيڪ ٻڻجڻ جو موقعو مليو، توبہ جي توفيق ملي، نہ صرف فرض **نمازن** جي پابندي نصيب ٿي بلڪ تهجّد، اِشراق، چاشت ۽ مغرب جي بعد اَوّابين جا **نفل** پڙهڻ جي بہ سعادت نصيب ٿي. عِلم دين سکڻ لاءِ مليو، والدين جي حقوق جي خبر پئي، ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جو ذهن مليو. مَدَني تربيتي ڪورس کان بعد مَدَني قافلہ ڪورس ڪرڻ ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ 12 مهينن جي مَدَني قافلن ۾ سفر جي بہ نيّت آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي مرڻ گهڙي تائين **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تِرا شُکر مولا دیا مَدَنی ماحول | نہ چُھوٹے کبھی بھی خُدا مَدَنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مَدَنی ماحول | بچے بدنظر سے سدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص۶۰۲)

## توهان جي دِل ۾ ڪنهن جي لاءِ ڪِينو ۽ بُغض نہ هجي

حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: تاجدارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: يَا بُنَيَّ! اِنْ قَدِرْتَ اَنْ تُصْبِحَ وَ تُمْسِيَ لَيْسَ فِيْ قَلْبِكَ غِشٌّ لِاَحَدٍ فَافْعَلْ اي منهنجا پٽ! جيڪڏهن تو کان ٿي سگهي تہ تنهنجي صُبح ۽ شام اهڙي حالت ۾ ٿئي جو تنهنجي دِل ۾ ڪنهن جي لاءِ ڪِينو ۽ بُغض نہ هجي تہ پوءِ ائين ئي ڪندو ڪر. (سنن الترمذي ج 4 ص 309 الحديث 2687)

يعني مسلمان ڀاءُ طرفان دنياوي معاملن ۾ دِل صاف هجي سينو ڪيني کان پاڪ هجي تڏهن انهيءَ ۾ انوارِ مدينہ داخِل ٿيندا. ڏنڌلو آئينو ۽ خراب دل قابلِ عزت نہ آهي. (مِراۃُ الْمناجيح، ج 1 ص 172)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## افضل ڪير؟

حضرت عبد الله بن عَمرو رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو ويو تہ ماڻهن ۾ ڪير افضل آهي؟ فرمايائون: هر پاڪ دِل وارو، سچي زبان وارو، ماڻهن عرض ڪيو: سچي زبان واري جي تہ اسان کي خبر آهي، هي پاڪ دل وارو ڪير آهي؟ فرمايائون: هُوَ التَّقِيُّ النَّقِيُّ لَا اِثْمَ فِيْهِ وَ لَا بَغْيَ وَلَا غِلَّ وَ لَاحَسَدَ يعني اهو اهڙو سُٿرو آهي جنهن تي نہ گناهہ هجي، نہ بغاوت، نہ ڪِينو ۽ نہ حَسَد. (سنن ابن ماجہ، ج 4 ص 475، الحديث:4216)

## جنتي ماڻهو

حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: خَاتِمُ الْمُرسَلين، شفيعُ الْمُذْنِبِيْن رَحمَةٌ لِّلْعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾

حاضر ٿيس تہ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”يَطْلُعُ عَلَيْكُمُ الْاٰنَ مِنْ هٰذَا الْفَجِّ رَجُلٌ مِّنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ“ هاڻي توهان وٽ هن رستي تان هڪڙو **جنتي ماڻهو** ايندو. انهيءَ وقت هڪ انصاري صاحب اُتي آيو جنهن جي ڏاڙهي وُضو جي پاڻي سان آلي هئي، انهن کي کابي هٿ ۾ پنهنجا چپل هئا. ٻئي ڏينهن وري نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پهرين ڏينهن وانگر ارشاد فرمايو ۽ اهوئي شخص آيو، ٽئين ڏينهن بہ ائين ئي ٿيو. حضرت سيِّدُنا عبد الله بن عَمرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان انهيءَ انصاري وٽ ويس ۽ پڇيومانس: ڇا اوهان منهنجي مهمان نوازي ڪري سگهو ٿا؟ انهن هائوڪار ڪئي ۽ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. مان ٽي راتيون انهن وٽ رهيس، انهيءَ دوران مون انهن کي رات جو قيام ڪندي (يعني نفل ادا ڪندي) نہ ڏٺو. هائو! هي ضرور ڏٺو تہ جڏهن اهي بستري تي پاسو ورائن پيا تہ ذڪرُ الله ڪن پيا ايتري تائين جو نمازِ فجر جو وقت ٿي ويندو هو ۽ اهي سُٺي ڳالھ ڪن پيا يا خاموش رهن پيا. جڏهن ٽي راتيون اهڙي طرح گذري ويون تہ مون ان جي عمل کي ٿورو سمجهيو. اهڙي طرح مون انهن کي چيو تہ مون سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو: ”يَطْلُعُ عَلَيْكُمُ الْاٰنَ رَجُلٌ مِّنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ هاڻي توهان وٽ هڪڙو **جنتي ماڻهو** ايندو.“ پوءِ ٽئي ڀيرا اوهان آيا تہ مون سوچيو تہ اوهان وٽ رهي اوهان جو عمل ڏسان، پر مون کي تہ اوهان جو ڪو عمل زياده نظر نہ آيو. جڏهن مان واپس ٿيڻ لڳس تہ انهن مون کي گهرائي چيو: منهنجو عمل تہ اهو آهي جيڪو اوهان ڏسي چڪا آهيو ليڪن مان پنهنجي دِل ۾ ڪنهن مسلمان جي لاءِ **ڪِينو** ناهيان رکندو نہ ئي ڪنهن مسلمان کي ملڻ واري نعمتِ الٰهي تي حَسَد ڪندو آهيان.

**حضرت سيِّدُنا عبد الله** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ **فرمايو: اهائي اُها وصف آهي جنهن اوهان کي انهيءَ مقام تي پهچايو آهي.**(شعب الايمان ج 5 ص 246، الحديث 6605 دون بعض الجمل) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صَدَقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ بشارت واري حڪايت مان دُنيا جي بي رغبتي ۽ پنهنجي دِل کي باطني گناهن بالخصوص بُغض ۽ ڪيني کان پاڪ رکڻ جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي.**

خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی
مجھے نیک خصلت بنا یاالٰہی (وسائل بخشش ص ۹۳)

## جسم سان گڏوگڏ دل بہ سٿرو رکڻ ضروري آهي

**ظاهِري جسم ۽ لباس جي صفائي سُٿرائي پنهنجي جڳهہ پر دل جي پاڪيزگي جي پنهنجي اهميت آهي. سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ طهارت نشان آهي:** اِنَّ اللّٰہَ لَا یَنۡظُرُ اِلٰی صُوَرِکُمۡ وَاَمۡوَالِکُمۡ وَلٰکِنۡ یَنۡظُرُ اِلٰی قُلُوۡبِکُمۡ وَاَعۡمَالِکُمۡ **يعني الله تعالیٰ توهان جي شڪلن ۽ مالن جي طرف نہ ٿو ڏسي بلڪ اهو توهان جي دلين ۽ عملن جي طرف ڏسندو آهي.** (صحيح مسلم، ص 1386، حديث 2546)

**حُجَّۃُ الۡاِسۡلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي** عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ الۡوَالِی **"مِنهاج العابدين" ۾ هي حديث نقل ڪرڻ کان بعد لکن ٿا: دِل ربُّ العٰلمين جي نظر جو مقام آهي تہ انهيءَ شخص تي تعجُّب آهي جيڪو ظاهري چهري جو خيال تہ رکي ٿو، انهيءَ کي ڌوئي ٿو، مٿي مَرُ کان سُٿرو رکي ٿو متان مخلوق انهيءَ جي چهري جي ڪنهن عيب تي خبروار ٿي پوي. پر دِل جو خيال نہ ٿو رکي جيڪا ربُّ العٰلمين جي نظر جو مقام آهي! تيڻ تہ ائين گهربو هو جو دل کي**

پاڪيزه رکي ها، انهيءَ کي سينگاري ها تان جو ربُّ العٰلمين کي انهيءَ ۾ ڪو عيب نظر نہ اچي ها. پر افسوس جو مقام آهي جو دل تہ گندگي، پليتي ۽ غلاظت سان ڀريل آهي پر جنهن تي مخلوق جي نظر پوي ٿي انهيءَ جي لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ انهيءَ ۾ ڪو عيب ۽ خرابي نہ ليي! (منهاج العابدين ص 68)

مِرے دل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مان اوهان وٽ صاف سيني سان اچان

رسول اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ اُلفت نشان آهي: لَا يُبَلِّغُنِيْ اَحَدٌ مِّنْ اَصْحَابِيْ عَنْ اَحَدٍ شَيْئًا، فَاِنِّيْ اُحِبُّ اَنْ اَخْرُجَ اِلَيْكُمْ وَاَنَا سَلِيْمُ الصَّدْرِ يعني مون کي ڪو صحابي ڪنهن جي طرفان ڪا ڳالهہ نہ پهچائي، مان چاهيان ٿو تہ اوهان وٽ صاف سيني سان اچان.

(سنن ابي داوٗد، ج 4 ص 348 حديث 4860)

مُحَقِّق عَلَي الْاِطْلَاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين، حضرت علّامہ شيخ عبدُالحقّ مُحَدِّث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي حديث پاڪ جي انهيءَ حصّي "مون کي ڪو صحابي ڪنهن جي طرفان ڪا ڳالهہ نہ پهچائي" جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: "يعني ڪنهن جي ڪوتاهي، بري ڪم، بري عادت، اِنهيءَ هيئن ڪيو يا اُنهيءَ هيئن چيو، فلاڻو اهڙي طرح چئي رهيو هيو." (اشعة اللمعات ج 4 ص 83) حديث شريف جي انهيءَ حصي "مان چاهيان ٿو تہ اوهان وٽ صاف سيني سان اچان" جي تشريح ڪندي مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: يعني ڪنهن سان عَداوت، ڪنهن سان نفرت دِل ۾ نہ

هجي. هي ئي اسان لاءِ **قانون جو بيان** آهي تہ پنهنجو سِينو مسلمانن جي ڪيني کان صاف رکون تان جو اُن ۾ مديني جا اَنوار ڏسجن، نہ تہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رحمت وارو سِينو، ڪرامت جي نُور جو خزانو آهي. اُتي ڪدُورَت (يعني بُغض ۽ ڪيني) جي پهچ ناهي. (مِراٰةُ الْمناجيح ج 6 ص 472) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا اُنهن تي بي شمار دُرُود هجن ۽ اُنهن جي صَدَقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي دِل تي غور ڪري

هر اسلامي ڀاءُ ڪي گهرجي تہ ڦرين فُرصت ۾ پنهنجي گهربار، عزيزن قريبن، پاڙي وارن، مارڪيٽ يا آفيس ۾ گڏ ڪم ڪرڻ وارن، گڏ پڙهڻ وارن، غرض تہ جنهن جنهن سان انهيءَ جو واسطو پوندو آهي، انهن جي باري ۾ پنهنجي دِل کي پوري ديانتداري سان جانچي تہ بنا شرعي سبب جي ڪنهن جي لاءِ دشمني تہ ناهي لِڪل؟ انهيءَ کي نقصان پهچائڻ جي خواهش تہ موجود ناهي؟ جيڪڏهن انهيءَ کي نقصان رَسي ٿو، خوشي تہ محسوس نہ ٿي ٿئي؟ ان جي گِلا، چغل خوري، حق ڦبائڻ، ۽ دِل ڏکوئڻ جو سلسلو تہ ناهي؟ جيڪڏهن انهن سوالن جو جواب هاءُ ۾ ملي تہ جلدي توبہ ڪيو ۽ ڪيني کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪريو. غور ۽ فڪر جو هي عمل هر ڏينهن نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هر هفتي ۾ هڪ ڀيرو ضرور ڪرڻ جي **مَدَني التجا** آهي.

**اسان جو مَدَني مقصد: مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”راهِ جنت“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان ڪيني جا 6 علاج

### ﴾1﴿ ايمان وارن جي ڪيني کان بچڻ جي دُعا

هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ ايمان وارن جي ڪيني کان بچڻ جي دُعا ڪندو رهي، هيٺ ڏنل مختصر قرآني دُعائون ياد ڪيو ۽ وقت بوقت پڙهڻ بہ گهڻو فائديمند آهن. اهڙي طرح سيپاري 28 سورهءِ حشر جي آيت 10 ۾ آهي:

وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝۱۰

(ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪينو نہ رک، اي اسان جا رب! بيشڪ تون ئي نهايت مهربان رحم وارو آهين.)

دُعا سان گڏ ترجمي پڙهڻ جي ضرورت ناهي، ها! معنىٰ ضرور مدِّ نظر رکو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### ﴾2﴿ اَسباب پري ڪيو

بيماري جسماني هجي يا رُوحاني! انهيءَ جا ڪي نہ ڪي اَسباب هوندا آهن. جيڪڏهن انهن سَببن جي روڪٿام ڪئي وڃي تہ بيماري کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آسان ٿي پوندو. انهيءَ لاءِ ڪيني جا ڪجھ امڪاني سبب ۽ ان جي خاتمي جو طريقو عرض ڪيان ٿو:

#### پهريون سبب: ڪاوڙ

اِحياءُالعلوم ۾ بين ڪتابن ۾ آهي تہ ڪِينو ڪاوڙ جي ڪُک مان پيدا ٿئي ٿو. اهو هن طرح جڏهن ڪو شخص ڪاوڙ کان مَغلوب ٿي ڪنهن کي نقصان پهچائيندو آهي تہ سامهون وارو پنهنجي

رڌِعمل جو اِظهار ڪندو آهي. ائين لاڳيتو عمل ۽ ردِعمل جي نتيجي ۾ دِلين ۾ بُغض ۽ ڪِينو پنهنجو گهر ڪندو آهي. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن الله تعالىٰ جي رضا لاءِ ڪاوڙ روڪي ڇڏجي ته ثواب ملڻ سان گڏوگڏ ڪيني جو به دروازو بند ٿي ويندو، ترغيب طور ڪاوڙ روڪڻ جي فضيلت ملاحظہ فرمائيو:

## ڪاوڙ نہ ڪرڻ واري لاءِ جنتي حُور

رسُولِ بي مثال، بيبي آمِنہ جي لال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بشارت نشان آهي: جنهن ڪاوڙ کي ضبط ڪيو حالانڪ اهو انهيءَ کي نافذ ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن انهيءَ کي سڀني مخلوق جي سامهون گهرائيندو ۽ اختيار ڏيندو ته جيڪا حُور گهرجئي وٺ. (سنن ابي داوٗد ج 4 ص 325، 326، حديث، 4777)

حُسنِ اَخلاق اور نرمی دو
دُور ہو خُوئے اِشتِعال[1] آقا (وسائل بخشش ص۳۵۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيون سبب

## بدگُماني

ڪنهن جي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ سان به ڪِينو پيدا ٿيڻ ممڪن آهي. تِلميذِ صدرُ الشَّريعة حضرت علّامہ عبد المصطفيٰ اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی اسلامي ڀينرن کي نصيحت جا مَدَني گُل ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: گهر ۾ سَس، نُنهن، ڏيرياڻي، ڀاڄائي يا ڪي ٻيون عورتون پاڻ ۾ لِڪي لِڪي ڳالهيون ڪنديون هجن ته عورت ڪي

---

(1) خوءِ اشتعال يعني ڪاوڙ جي عادت، (ڪاوڙ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ لاءِ شيخِ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو "غصي جو علاج" (مطبوعہ مڪتبة المدينہ) جو ضرور مطالعو ڪيو.)

گهرجي تہ اهڙي وقت انهن جي ويجهو نہ وڃي ۽ نہ اها جُستجو ڪري جو اهي پاڻ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيون آهن ۽ بي سبب اها بدگُماني نہ ڪري تہ منهنجي ئي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هونديون تہ انهيءَ سان خواه مخواه دِل ۾ هڪ ٻئي جي طرفان ڪِينو پيدا ٿيندو آهي. جيڪو تمام وڏي گُناهہ هئڻ سان گڏوگڏ وڏي فساد ٿيڻ جو سبب بڻجي پوندو آهي.[1]" (جنتي زيور ص 59)

مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی
کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی (وسائل بخشش ص۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيون سبب شراب نوشي ۽ جُوا

شراب پيئڻ ۽ جُوا کيڏڻ جهڙن حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارن ڪمن کان تمام گهڻو پري رهو جو قرآن پاڪ ۾ اِنهن ٻنهي شين کي ڪيني جو سبب قرار ڏنو ويو آهي. سيپاري 7 سُورة المائدة جي آيت نمبر 90 تا 91 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عِبرت نشان آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿۹۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ تير ناپاڪ ئي آهن شيطاني ڪم انهن کان بچندا رهو من توهان ڪامياب ٿيو، شيطان تہ اهو گهري ٿو توهان ۾ وير ۽ دشمني وجهي ڇڏي شراب ۽ جوا جي ذريعي ۽ توهان کي الله جي ياد ۽ نماز کان روڪي پوءِ ڇا توهان مُڙي ويا. (پ 7 المائده 90، 91)

---

[1] بدگُماني جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ رسالي "بدگُماني" جو ضرور مطالعو ڪيو

حضرت سيِّدُنا صدرُ الافاضِل مفتي محمد نعيمُ الدّين مُرادآبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي **خزائنُ العرفان** ۾ انهيءَ جي تحت لکن ٿا: انهيءَ آيت ۾ شراب ۽ جُوا جو انجام ۽ وَبال بيان فرمايو ويو آهي جو شراب خوري ۽ جوا بازي جو هڪ وَبال هي به آهي جو انهيءَ سان پاڻ ۾ بُغۡض ۽ دشمنيون پيدا ٿينديون آهن ۽ جيڪو انهن بُراين ۾ مبتَلا ٿيو اهو ذڪرِ الٰهي ۽ نماز جي اوقات جي پابندي کان محروم ٿي ويندو آهي. (ڪنز الايمان مع خزائن العرفان، ص 236 مڪتبة المدينہ)

تُو نشے سے باز آ مت پی شراب[1]
دو جہاں ہوجائیں گے ورنہ خراب (وسائلِ بخشش ص۶۶۹)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## چوٿون سبب: نعمتن جي ڪثرت

نعمتن جي گهڻائي به پاڻ ۾ بُغۡض ۽ ڪيني جو هڪ سبب آهي، نعمت جو شڪر ۽ سخاوت جي عادت اپنائي انهيءَ کان بچڻ مُمڪن آهي. **امير المؤمنين حضرت سَيِّدُنا عمرِ فاروقِ اعظم** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمايو ته مون سَرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو: "لَا تُفۡتَحُ الدُّنۡيَا عَلٰی اَحَدٍ اِلَّا اَلۡقَی اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ بَيۡنَهُمُ الۡعَدَاوَةَ وَالۡبَغۡضَاءَ اِلٰی يَوۡمِ الۡقِيَامَةِ" يعني دُنيا ڪنهن تي ڪُشاده نه ٿي ڪئي وڃي پر **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي قيامت تائين بُغۡض ۽ عَداوت ۾ مُبتلا فرمائي ڇڏي ٿو. (مسند احمد، ج 1 ص 48 حديث 93)

---

(1) شراب نوشي جي نقصانات جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جو مطبوعہ رسالي "بُراين جي ماءُ" جو ضرور مطالعو ڪيو.

# بُغض ۽ عَداوت ۾ پئجي وينديءَ

حضرت سيِّدُنا حَسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته هڪ ڀيري الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اصحابِ صُفّہ وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ سوال پڇيائون: توهان صبح ڪهڙي حال ۾ ڪئي؟ انهن عرض ڪيو: ”خير ۽ ڀلائي سان ڪئي“ ارشاد فرمايائون: ”اڄ اوهان بهتر آهيو (انهيءَ وقت جو) جڏهن توهان وٽ صبح کائڻ لاءِ هڪ وڏو پيالو ۽ شام ٻيو وڏو پيالو آندو ويندو ۽ پنهنجي گهرن ۾ اهڙي طرح پرده لڙڪائيندؤ جهڙي طرح ڪعبي تي غلاف وڌا ويندا آهن.“ اصحابِ صُفّہ (1) رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ڇا اسان کي پنهنجي دين تي قائم رهندي اهي نعمتون حاصل ٿينديون؟“ فرمايائون: ”هائو.“ عرض ڪيائون: ”پوءِ ته اسان انهيءَ وقت بهتر هونداسين ڇو جو اسان صدقو ۽ خيرات ڪنداسين ۽ غلامن کي آزاد ڪنداسين.“ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا بَلْ اَنْتُمُ الْيَوْمَ خَيْرٌ اِنَّكُمْ اِذَا طَلَبْتُمُوْهَا تَقَاطَعْتُمْ وَتَحَاسَدْتُمْ وَتَدَابَرْتُمْ وَتَبَاغَضْتُمْ نه! بلڪ توهان اڄ بهتر آهيو ڇو جو جڏهن اوهان انهن نعمتن کي حاصل ڪندؤ ته پاڻ ۾ حَسَد ڪرڻ

---

(1) صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جو معمول هو ته ضرورياتِ زندگي پوري ڪرڻ جي جدّوجهد سان گڏو گڏ مُعلّم اعظم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه بيڪس پناه ۾ حاضر ٿي علمِ دين به حاصل ڪندا هئا. پر مختلف علائقن سان تعلّق رکندڙ 60 کان 70 صحابہ ڪرام اهڙا به هوندا هئا جيڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دروازي اقدس تي رهندا هئا ۽ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبت ۾ رهي علم دين سکندا هئا. انهن جي رهائش هڪ چنل چبوتري ۾ هئي جنهن کي عربي ۾ صُفّہ چوندا آهن. تنهن ڪري انهن نفوسِ قدسيہ کي اصحابِ صُفّہ چيو ويندو هو. سيني کان وڌيڪ حديثون روايت ڪندڙ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ به انهن خوش نصيبن ۾ شامل هو. رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي اخراجات جا ڪفيل هئا.
(مراة المناجيح شرح مشكواة المصابيح ج 7 ص 35)

لڳندؤ، پاڻ ۾ تعلّق ٽوڙڻ جي آفت ۾ بُغض و عَداوت ۾ پئجي ويندؤ.
(الزهد لهناد بن السري ج 2 ص 390 حديث 760 و حلية الاولياء ج 1 ص 416 حديث 1202)

## پاڻ ۾ بُغض و عَداوت مضبوط ٿيندو آهي

جڏهن آلِ ڪسریٰ جا خزانا اميرُ المؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ وٽ آندا ويا ته اوهان روئڻ لڳا، حضرت سيِّدُنا عبدالرَّحمٰن بن عَوۡف رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ عرض ڪيو: اي امير المؤمنين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ)! ڪهڙي شيءِ اوهان کي رُئاريو آهي؟ اڄ ته شڪر جو ڏينهن آهي، فرحت ۽ خوشي جو ڏينهن آهي. حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ فرمايو: مَا كَثُرَ هٰذَا عِنْدَ قَوْمٍ اِلَّا اَلْقَى اللّٰهُ بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَاءَ يعني جنهن قوم وٽ به انهيءَ (مال) جي گهڻائي ٿي وڃي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي بُغض ۽ عَداوت ۾ مُبتلا فرمائيندو آهي.
(المصنف لابن ابي شيبة ج 8 ص 147، الحديث 5 ملخصًا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ سلام ۽ مُصافحي جي عادت وجهو

مسلمان سان مُلاقات جي وقت سلام ۽ مُصافحي ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي، پڻ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان ڪِينو ختم ٿيندو آهي ۽ هڪ ٻئي کي تحفو ڏيڻ سان مَحبَّت وڌندي ۽ عَداوت ختم ٿيندي آهي، نبي مُڪَرَّم، نُورِ مُجَسَّم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: تَصَافَحُوْا يَذْهَبِ الْغِلُّ وَ تَهَادَوْا تَحَابُّوْا وَتَذْهَبِ الشَّحْنَاءُ مُصافحو ڪندا ڪيو ڪِينو دُور ٿيندو ۽ تحفو ڏيندا ڪريو مَحبَّت وڌندي ۽ بُغض دور ٿيندو. (موطا امام مالڪ ج 2 ص 407، الحديث 1731)

مُفَسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت حضرتِ مُفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الۡحَنَّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هي ٻئي عمل گهڻو ئي مُجَرَّب

آهن (يعني تجربو ٿيل) جنهن سان مُصافحو ڪندا رهندؤ انهيءَ سان دشمني ناهي ٿيندي. جيڪڏهن اوچتو ڪڏهن بہ ٿي پئي تہ انهيءَ جي برڪت سان نہ رهندي. ائين ئي هڪ ٻئي کي هديو ڏيڻ سان عَداوتون ختم ٿي ويندیون آهن. (مِراۃُ الْمناجيح، ج 6 ص 368)

**مَدَني گُل:** **مُصافحو** ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وَقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رُومال وغيره حائل نہ هجي، ٻئي هٿ خالي هجن ۽ تري، تري سان ملڻ گهرجي. (بهارِ شريعت، ج 3 ص 471 ملخصًا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿4﴾ اَجايو سوچڻ ڇڏي ڏيو

ڪن دانائن جو قول آهي: ٽن شين ۾ غور نہ ڪر (1) پنهنجي مفلسي ۽ غريبي (۽ مصيبت) تي، ان ڪري جو انهيءَ ۾ غور ڪندو رهڻ سان تنهنجي غم (۽ ٽينشن) ۾ اضافو ۽ حِرص ۾ زيادتي ٿيندي (2) پاڻ مٿان ظلم ڪندڙ جي ظلم تي غور نہ ڪر جو انهيءَ سان تنهنجو ڪِينو وڌندو ۽ ڪاوڙ باقي رهندي (3) دُنيا ۾ گهڻي دير زِنده رهڻ لاءِ نہ سوچ جو اهڙي طرح تون مال ميڙڻ ۾ پنهنجي عمر ضايع ڪري ڇڏيندين ۽ عمل جي باري ۾ ٽال مٽول ڪندين.“ تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ دُنياوي فِڪرن ۾ جان وڃائڻ بدران آخرت جي مُعامِلات ۾ اهڙي طرح لڳي وڃون جهڙي طرح اسان جي **اَسلاف** رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جو مَدَني انداز هو. (خودڪشي جو علاج ص 50)

کریں نہ تنگ خیالاتِ بد کبھی ، کر دے
شُعُور و فکر کو پاکیزگی عطا یاربّ (وسائلِ بخشش ص ۹۳)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ مسلمانن سان اللہ جي رضا لاءِ مَحَبّت ڪيو

مَحَبَّت ڪيني جو ضد (يعني اُبتڙ) آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان رضاءِ الٰهي جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان مَحَبَّت رکون تہ ڪيني کي دِل ۾ اچڻ جي جاءِ نہ ملندي ۽ اسان کي ٻيا فائدا ۽ فضائل بہ حاصل ٿيندا. فرمان مُصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي طرف مَحَبَّت ڀري نگاهہ سان ڏسندو ۽ انهيءَ جي دِل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ واپس موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پويان گناهہ بخشيا ويندا. (شعب الايمان، ج 5 ص 270 الحديث 6624)

مِرے جس قدر ہیں اَحباب انہیں کردیں شاہ بیتاب
ملے عشق کا خزانہ مَدَنی مدینے والے (وسائل بخشش ص ٢٨٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ دُنياوي شين جي ڪري بُغض ۽ ڪِينو رکڻ عقلمندي نہ آهي

ڪيني جو بنياد عام طور تي دُنياوي شيون ٿينديون آهن، پر سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا دُنيا جي ڪري پنهنجي آخِرت برباد ڪرڻ عقلمندي آهي؟ هڪ سبق آموز روايت ملاحظہ ڪيو: جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ارشاد فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن دُنيا کي هڪ بدصورت نيري اکين واري پوڙهي عورت جي روپ ۾ آندو ويندو جنهن جا (پوائنتا) ڏند نظر اچي رهيا هوندا ۽ اها سيني ماڻهن جي سامهون ٿيندي، انهن کان پڇيو ويندو: ”ڇا توهان انهيءَ کي سڃاڻو ٿا؟“ اهي جواب ڏيندا: ”اسان انهيءَ جي سڃاڻ کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا.“ تہ چيو ويندو: **”اِهائي اُها دُنيا آهي جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان هڪ ٻئي جو رَتُ وهائيندا هئا، انهيءَ جي حصول لاءِ قطع رحمي ڪندا** (يعني رشتيداري ٽوڙيندا)

**هئا، انهيءَ جي خاطر هڪ ٻئي سان غُرور ۽ حَسَد ڪندا هئا ۽ انهيءَ جي لاءِ هڪ ٻئي سان بُغُض رکندا هئا.“** پوءِ دُنيا ڪي پوڙهي عورت جي رُوپ ۾ جَهنم ۾ وڌو ويندو ته اها چوندي: ”**ياالله** عَزَّوَجَلَّ! منهنجا چاهڻ وارا، منهنجي پنيان اچڻ وارا ڪيڏانهن ويا؟“ ته ”**الله** عَزَّوَجَلَّ! ارشاد فرمائيندو: انهيءَ جي پنيان ڀڄڻ وارا ۽ چاهڻ وارا به انهيءَ وٽ (جهنم ۾) پهچايو.“ (شعب الايمان للبيهقي، ج 7 ص 383، حديث 10671)

نہ ہوں اشک برباد دُنیا کے غم میں
محمد کے غم میں رُلا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي ٻارن کي به بُغض ۽ ڪيني کان بچايو

شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: بيشڪ **الله** تبارڪ و تعاليٰ پسند ڪندو آهي ته توهان پنهنجي اولاد جي وچ ۾ برابري جو سلوڪ ڪيو ايتري تائين جو چُمي ڏيڻ ۾ به (برابري ڪيو). (الجامع الصغير، ص 117، حديث 1895)

ماءُ پيءُ کي گهرجي ته هڪ کان وڌيڪ ٻار هئڻ جي صورت ۾ انهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ ۽ پيار مَحَبَّت ۽ شفقت ۾ برابري جو اصول اپنائن. بنا شرعي سبب جي ڪنهن ٻار بالخصوص نياڻي کي نظر انداز ڪري ٻئي کي انهيءَ تي ترجيح نه ڏيو جو انهيءَ ڪري ٻارن جي نازڪ دلين تي بُغُض ۽ حَسَد جو ٻج ڄمي سگهي ٿو جيڪو انهن جي شخصي تعمير لاءِ نهايت نقصانڪار آهي. مُعلِّم اخلاق صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي اولاد ۾ هر هڪ سان برابري وارو سلوڪ ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي. جيئن ته حضرت سَيِّدُنا نُعمان

بن بشير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته منهنجي والد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مون کي پنهنجو ڪجھ مال ڏنو ته منهنجي والده حضرت عمره بنتِ رواحه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہا چيو: مان انهيءَ وقت تائين راضي نه ٿينديس جيستائين اوهان انهيءَ تي رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گواھ نه ڪيو. اهڙي طرح منهنجو والد مون کي شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ وٺي ويو ته جيئن مون کي ڏنل صدقي تي حُضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گواھ ڪن. سَروَرِ ڪَونين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُن کان پڇيو: ڇا تو پنهنجي سڀني پٽن سان ائين ئي ڪيو آهي؟ منهنجي والد محترم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو: "نه" حُضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله تعالیٰ کان ڊڄ ۽ پنهنجي اولاد ۾ انصاف ڪر. اهو ٻڌي اهي واپس موٽي آيا ۽ اهو صدقو واپس ورتائون.

(صحيح مسلم الحديث 1623، ص 878)

## نندي ڀيڻ کي قتل ڪري ڇڏيو

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ شهر جو سچو واقعو آهي ته هڪ گهر ۾ پٽ پيدا ٿيو، جيڪو سڀني گهر وارن جي اکين جو نار هو، والدين انهيءَ تي پنهنجو ساھ صدقو ڪندا هئا. ڪجھ عرصي کان پوءِ الله تعالیٰ انهن کي نياڻي سان نوازيو ته اها سڀ گهر وارن جي منظورِ نظر بڻجي وئي جنهن جي ڪري پٽ جي طرف توجّه گهٽجي ويو. هي ڪا وڏي ڳالھ نه هئي پر پٽ انهيءَ ڳالھ کي شدت سان محسوس ڪرڻ لڳو ته هاڻي منهنجا ناز ۽ نخرا برداشت نٿا ڪيا وڃن بلڪ نندي ڀيڻ سان ئي لاڏ پيار ڪيو وڃي ٿو. وڌندي وڌندي اهو احساس بُغض و ڪيني ۽ حَسَد ۾ بدلڻ لڳو. هاڻي اهو نندي ڀيڻ کي مارڪٽ ڪرڻ لڳو ۽ نون نون طريقن سان انهيءَ کي

تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. والدين انهيءَ ڳالهه کي معمولي سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ڪيترائي سال ائين گذري ويا، پوءِ هڪ ڏينهن اهو ڏکائيندڙ واقعو ٿيو جنهن شهر وارن کي ڏکائي ڇڏيو، ٿيو هيئن ته ياءُ گهروارن کي ٻڌائڻ کان سواءِ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي سير جي بهاني سائيڪل تي ويهاري نهر طرف وٺي ويو ۽ اُتي وڃي ڀيڻ کي نهر ۾ ڌِڪو ڏنائين، اُها ”ادا! بچاءِ ادا! بچاءِ“ جون دانهون ڪندي رهي پر انهيءَ تي بي رحمي غالِب اچي وئي بلڪ ايتري دير تائين نهر جي ڪناري انهيءَ سان گڏوگڏ هلندو رهيو جيسيتائين انهيءَ جي ٻڏڻ جو يقين نه ٿيس. پوءِ اهو گهر موٽي آيو ۽ دِل ئي دِل ۾ خوش هو ته هاڻي سيئي صرف مون سان ئي پيار ڪندا. جڏهن گهر وارن کي ڇوڪريءَ ڪٿي ڏسڻ ۾ نه آئي ته انهيءَ جي ڳولا شروع ڪيائون، اِعلانات ڪرايا ويا، سڄو شهر ڳوليائون پر ڇوڪري نه ملي، پوليس کي به اطلاع ڏنو ويو. جانچ پڙتال شروع ٿي ته تئين ئي ڏينهن ڇوڪري راز کوليو ته کهڙي طرح ۽ ڇا جي ڪري انهيءَ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي موت جي منهن ۾ اڇلايو. جنهن به ٻڌو اهو سوچ ويچار ۾ اچي ويو، والدين تي ڄڻ ته قيامت ٽٽي پئي، نياڻي ته دنيا مان وئي هلي، پر پٽ به جيل ويندي نظر اچي رهيو هو تنهن ڪري انهيءَ کي معاف ڪري قانون کان ڇڏايو ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪڏهن ڪو اسان سان ڪِينو رکي ٿو ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڪڏهن ڪنهن اسلامي ياءُ کي بُڌل ڳالهين جي ڪري هي خيال ستائيندو آهي ته فلاڻو شخص مون سان ڪِينو رکندو آهي يا

حَسَد ڪندو آهي حالانڪ ائين هوندو ب ناهي صرف انهيءَ جي بدگماني يا وهم هوندو آهي. ڇو ت ڪِينو هجي يا حَسَد! انهيءَ جو تعلُّق باطن سان آهي ۽ ڪنهن جي باطني ڪيفيت جو يقين سان خبروار ٿيڻ اسان جي اختيار ۾ ن آهي. انهيءَ لاءِ حُسنِ ظن جي عادت وڌي وجي جو حُسنِ ظن ۾ ڪو نقصان ناهي ۽ بدگُماني ۾ ڪو فائدو ناهي. هائو! جيڪڏهن ڪنهن جي حرڪات و سڪنات ۽ بُري سلوڪ سان اوهان ڪي ظاهري طور تي محسوس ٿيو ت هي مون سان ڪِينو رکي ٿو ت ب عَفو و درگُذر کان ڪم وٺجي ۽ حُسنِ سلوڪ سان انهيءَ جي دشمني ڪي دوستي ۾ بدلڻ جي ڪوشش ڪجي. حضرت سيِّدُنا امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِی لکن ٿا: جنهن سان ڪِينو رکيو ويو انهيءَ جون ٽي حالتون آهن: ﴿1﴾ انهيءَ جو اهو حق پورو ڪيو وڃي جنهن جو اهو مُستحق آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جي گهٽ وڌائي ن ڪئي وڃي انهيءَ کي عَدل چئبو آهي ۽ هي صالحين جو آخري درجو آهي. ﴿2﴾ عَفو و درگُذر ۽ صل رحمي جي ذريعي انهيءَ سان نيڪي ڪئي وڃي اهو صِدِّيقِين جو طريقو آهي. ﴿3﴾ انهيءَ سان اهڙي زيادتي ڪرڻ جنهن جوَ اهو مستحق ن آهي اهو ظلم آهي ۽ ڪَميڻي ماڻهن جو طريقو آهي.

(احياء العلوم، ج 3 ص 224)

بچالو! نارِ دوزخ سے بچارے حاسدوں کو بھی
میں کیوں چاہوں کسی کی بھی بُرائی یارسولَ اللّٰہ (وسائلِ بخشش ص۲۴۷)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فتحِ مڪ جي ڏينهن عام معافي جو اعلان ڪري ڇڏيائون

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدين جي شايع

ٽيل 869 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سيرتِ مصطفیٰ“ جي صفحي 438 تي آهي: فتحِ مڪ ڪان پوءِ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهنشاهِ اسلام جي حيثيت سان حرمِ الٰهي ۾ سڀ ڪان پهرين دربارِ عام منعقد ڪيو، جنهن ۾ اسلام جي فوج ڪان سواءِ هزارين ڪافرن ۽ مشرڪن جي خاص و عام جو هڪ تمام وڏو هجوم هو. شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ هزارن جي ميڙاڪي ۾ هڪ گهڙي نگاهہ وڌي تہ ڏٺائون ڪنڌ جُهڪايل، نگاهون هيٺ ڪيل، ڏڪندڙ ۽ ڏڄندڙ قُريش جا سردار بيٺل آهن. اُنهن ظالمن ۽ بي رحمن ۾ اهي ماڻهو بہ هئا جيڪي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رستي ۾ ڪنڊا وڇائيندا هئا. اُهي ماڻهو بہ هئا جيڪي ڪئي ڀيرا اوهان تي پٿرن جي بارش وسائي چڪا هئا، اُهي خُوني بہ هئا جن ڪيئي ڀيرا پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قاتلاڻہ حملا بہ ڪيا هئا، اُهي بي درد ۽ بي رحم بہ هئا جن اوهان جي ڏندن مُبارڪن کي شهيد ۽ اوهان جي چهري مُبارڪ کي رتورت ڪري ڇڏيو هو. اهي بدمعاش بہ هئا جيڪي ڪيئي سالن تائين پنهنجي بهتانن ۽ واهيات گارين سان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مُبارڪ کي ڏُکائي چڪا هئا، اهي قاتل ۽ درنده صفت بہ هئا جيڪي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪنڌ مُبارڪ ۾ چادر جو ڦندو وجهي اوهان جو گلو دٻائي چڪا هئا، اُهي ظلم و ستم جا مُجسما ۽ گناهن جا پُتلا بہ هئا جن اوهان جي صاحبزادي حضرت (سيِّدَتُنا) زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي نيزو هڻي اُٺ تان ڪيرايو ۽ انهن جو حمل ساقِط ٿي پيو. اُهي اوهان جي خون جا پياسا بہ هئا، جن جي تونس ۽ اُڃ خونِ نبوت ڪان سواءِ ڪا شيءِ نہ پئي لاهي سگهي، اهي جفاڪار ۽ خونخوار بہ هئا جن جي حملن ۽

ظالماڻ ڪاھ سان ھر ھر مديني مُنوّره جا در دريون لُڏندا ھئا. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جا قاتل ۽ اُنھيءَ جو نڪ، ڪن ڪپڻ وارا، انھيءَ جون اکيون ڦوڙڻ وارا، انھيءَ جو جگر چٻاڙڻ وارا به انھيءَ ميڙاڪي ۾ موجود ھئا. اھي ظالم جن شمعِ نبوت جي جان نثار پروانن حضرت بلال، حضرت صھيب، حضرت عمّار، حضرت خباب، حضرت خبيب، حضرت زيد بن دثنه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم وغيره کي رَسن سان ٻڌي ڪَوڙا ھڻي تَتل ريت تي ليٽايو ھو، ڪنھن کي باھ جي ٻرندڙ ڪوئلن تي سُمھاريو ھو، ڪنھن کي نُڪُن ۾ ويڙھي ناسُن ۾ دونھان ڏنا ھئا، ڪئي پيرا گھُٽا ڏنا ھئا. اِھي سيئي ڏاڍ ۽ تشدّد، ظلم و ستمگاري جا پيڪر، جن جي جسم جو لڱ لڱ ۽ بدن جو وارُ وارُ ظلم و عداوت، سرڪشي ۽ ڏاڍائي جي وَبال سان خوفناڪ گناھن ۽ شرمناڪ ظَلمن جا جبل بڻجي چڪا ھئا. اڄ اُھي سيئي ڏھ ٻارھن ھزار مھاجرن ۽ انصارن جي لشڪر جي قيد ۾ مُجرِم بڻجي بيھي ڏڪي رھيا ھئا ۽ پنھنجي دِلين ۾ اھو سوچي رھيا ھئا جو شايد اڄ اسان جي لاشن کي ڪُتن ڪان پٽرائي اسان جون ٻوٽيون سِرڻن ۽ ڪانوَن کي کارايون ويندیون ۽ انصار و مھاجرين جي ڪاوڙيل فوج اسان جي ٻچي ٻچي کي مٽي ۽ رت ۾ ملائي اسان جي نسل کي ختم ڪري ڇڏيندي ۽ اسان جي ڳوٺن کي تباھ ۽ برباد ڪري ستياناس ڪري ڇڏيندي. انھن مُجرمن جي سينن ۾ خوف و ھراس جو طوفان پيدا ٿي رھيو ھو، خوف ۽ خطري جي ڪري انھن جي بدن جي ٻوٽي ٻوٽي ٿڙڪي رھي ھئي، دِليون ڌڙڪي رھيون ھيون، جِگر ٻاھر نڪري آيا ھئا ۽ نااُميدي جي عالَم ۾ اُنھن کي دُونھي جا خوفناڪ ڪَڪر نظر اچي

رهيا هئا. انهيءَ مايوسي ۽ نا اُميدي جي خطرناڪ فضا ۾ يڪدم شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڀري نگاهه اُنهن پاپين جي طرف متوجهّ ٿي ۽ اُنهن مُجرمن کان اوهان پڇيو:

"ٻڌايو! توهان کي ڪا خبر آهي ته اڄ مان توهان سان ڪهڙو مُعاملو ڪرڻ وارو آهيان؟"

اِنهيءَ دهشت انگيز ۽ خوفناڪ سوال سان مُجرِم گهٻرائجي ڏڪڻ لڳا ليڪن رحمت واري پيشاني جي پيغمبرانه ڍنگ کي ڏسي اُميد ۽ آسري واري محشر ۾ ڏڪندي سيني هڪ زبان ٿي ڪري چيو: اَخٌ کَرِيْمٌ وَابْنُ اَخٍ کَرِيْمٍ "اوهان ڪرم وارا ڀاءُ ۽ ڪرم واري ڀيءُ جا پٽ آهيو." سيني جون اميد واريون نظرون جمالِ نبوت جو چهرو ڏسي رهيون هيون ۽ سيني جا ڪَنَ شهنشاهِ نبوت جي فيصله ڪُن جواب ٻڌڻ جا منتظر هئا ته اچانڪ فاتحِ مڪه پنهنجي ڪريمانه لهجي ۾ ارشاد فرمايو:

لَاتَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ اڄ توهان تي ڪو الزام نه آهي وڃو توهان سڀئي آزاد آهيو.

(المواهب الدنية و شرح الزرقاني، ج 3 ص 439 ملخصًا)

بالڪل غير متوقع طور تي اوچتو اهو فرمانِ رسالت ٻُڌي سيني مُجرمن جون اکيون پشيماني جي ڪري ڀرجي آيون ۽ انهن جي دِلين جي گِهراين مان شڪراني واري جذبات جا آثار ڳوڙهن جي قطار ٻڻجي انهن جي ڳلن تي وهڻ لڳا ۽ ڪافِرن جي زبانن تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ جي نعرن سان حرمِ ڪعبه جي در درين تي هر طرف کان انوار جي بارش ٿيڻ لڳي، اوچتو بالڪل ئي اچانڪ ۽ يڪدم هڪ عجيب اِنقلاب برپا ٿيو جو ماحول ئي بدلجي ويو، فضا

ئي تبديل ٿي وئي ۽ هڪ دم ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته

جہاں تاریک تھا، بے نور تھا اور سخت کالا تھا
کوئی پردے سے کیا نکلا کہ گھر گھر میں اجالا تھا

(سيرتِ مُصطفیٰ، ص 438 تا 441)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بُغض و عناد مَحَبّت ۾ بدلجي ويو

**اسان جي مَدَني سرڪار، مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي ڪردار ۽ عمل جون بُلنديون ڏسي اوهان جا دشمن به آخرڪار رسول اڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سان بيحد مَحَبَّت ڪرڻ لڳا انهيءَ جون ٿي جهلڪيون ملاحظه ڪيو:**

**﴿1﴾ حضرتِ ثمامہ بن اُثال يمامي** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **جيڪي اهلِ يمامہ جا سردار هئا ايمان آڻي چوڻ لڳا: خدا** عَزَّوَجَلَّ **جو قسم منهنجي ويجهو زمين تي ڪو چهرو حُضُور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي چهري ڪان وڌيڪ مَبغوض** (يعني قابل نفرت) **نہ هو. اڄ اهو ئي چهرو مون ڪي سڀني چهرن ڪان وڌيڪ محبوب آهي. الله** عَزَّوَجَلَّ **جو قسم منهنجي نزديڪ ڪو دِين حُضُور ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي دين ڪان وڌيڪ بُرو نہ هو هاڻي اهوئي دين منهنجي نزديڪ سڀني دينن ڪان وڌيڪ محبوب آهي. الله جو قسم! منهنجي ويجهو ڪو شهر حُضُور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي شهر ڪان وڌيڪ مَبغُوض نہ هو. الله** عَزَّوَجَلَّ **جو قسم هاڻي اهو ئي شهر منهنجي نزديڪ سڀني شهرن ڪان وڌيڪ محبوب آهي.**

(صحيح البخاري، ج 3 ص 131، الحديث 4372)

**﴿2﴾ حضرتِ هِند بنت عتبہ** (زوجہ ابو سفيان بن حرب) رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا **جيڪا حضرت سيدنا حمزه** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه **جو جگر چٻاڙي ڪاڏو هو، ايمان آڻي**

چوڻ لڳي: ”يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! روءِ زمين تي ڪو اهلِ خيمہ منهنجي نظر ۾ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهلِ خيمہ کان وڌيڪ مَبۡغُوض (يعني قابل نفرت) نہ هو، پر اڄ منهنجي نگاهہ ۾ رُوءِ زمين تي ڪو اهلِ خيمہ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهلِ خيمہ کان وڌيڪ محبوب نہ آهي.“ (صحيح البخاري ج 2 ص 567 الحديث 3825)

﴿3﴾ حضرتِ صفوان بن اُميہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بيان آهي تہ حُنين جي ڏينهن رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي مال عطا فرمايو، حالانڪ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ مَبۡغُوض ترين خلق هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي عطا فرمائيندا رهيا تان جو رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ محبوب ترين خَلق بڻجي ويا.
(جامع الترمذي، ج 2 ص 147 الحديث 666)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بُغض و عناد رکندڙ يهودي ڪيئن مسلمان ٿيو

اسان جا بُزُرگانِ دين رَحِمَہُمُ اللہُ الۡمُبِین بہ نبي ڪريم، رَؤُف رَّحِيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نقشِ قدم تي هلندي بُغۡض ۽ ڪيني رکڻ وارن جي بُري سلوڪ تي اهڙو تہ صَبر ڪندا هئا جو آخرڪار سامهون وارو شرمندو ٿي بُغۡض ۽ ڪيني کان جند ڇڏائي اُنهن جي مَحَبَّت ۽ اُلفت ۾ گرفتار ٿي پوندو هو. بطور مثال هڪ حڪايت ملاحظہ ڪيو: حضرت سيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الۡغَفَّار هڪ گهر ڪِرائي تي ورتو. انهيءَ گهر جي بالڪل ڳڻ هڪ يهودي جو گهر هو. اهو يهودي بُغۡض ۽ عناد جي ڪري نيساري جي ذريعي گندو پاڻي ۽ غَلاظت پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جي گهر ۾ اُڇلائيندو رهيو پر پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ خاموش ٿي رهندا هئا. آخرڪار هڪ ڏينهن اُنهيءَ پاڻ ٽي اچي عرض ڪيو:

سائين! منهنجي نيساري مان ڪِرندڙ پليتي جي ڪري اوهان کي ڪا شڪايت تہ نہ آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت ئي نرمي سان فرمايو: نيساري مان جيڪا گندگي ڪِرندي آهي انهيءَ کي ٻُهارو ڏئي ڌوئي ڇڏيندو آهيان. ان چيو: اوهان کي ايتري تڪليف ٿيڻ باوجود ڪاوڙ نہ ٿي اچي؟ فرمايائون: ڪاوڙ ايندي تہ آهي پر روڪي ڇڏيندو آهيان ڇو تہ **خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ مَحبَّت نشان آهي:

وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ۚ

**(ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڪاوڙ کي ڪائيندڙ ۽ ماڻهن جي ڏوهہ کي معاف ڪندڙ آهن ۽ پلارا ٻانها **الله** کي پيارا آهن. (پ 4، آل عمران:134) **اهو جواب ٻڌي اهو يهودي مسلمان ٿي ويو.** (تذڪرة الاولياء ص 51)

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مون کي اوهان سان بُغض هو

مشهور صحابي **حضرت سيِّدُنا ابو الدرداء** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ٻانهيءَ هڪ ڏينهن عرض ڪيو: حُضور! اوهان سچ ٻڌايو تہ اوهان **انسان آهيو يا جِنّ؟** فرمايائون: **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ! مان انسان ئي آهيان. چوڻ لڳي: مون کي تہ انسان نہ ٿا لڳو ڇو جو مان چاليهن ڏينهن کان لاڳيتو اوهان کي زهر کارائي رهي آهيان پر اوهان جو وار بہ ونگو نہ ٿيو! فرمايائون: ڇا تو کي معلوم ناهي جيڪي ماڻهو هر حال ۾ **ذِڪرُ الله** عَزَّوَجَلَّ ڪندا رهندا آهن انهن کي ڪا شيءِ نقصان نہ پهچائي سگهندي آهي ۽ مان اسمِ اعظم سان گڏ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر

بہ ڪندو آهيان. پڇيائين: اهو اسمِ اعظم ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: (مان هر پيري ڪاڏو ڪائڻ کان پهريان هي پڙهندو آهيان): بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ۔ (يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جنهن جي نالي جي بَرَڪت سان زمين و آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نہ پهچائي سگهندي ۽ اهو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي)

انهيءَ کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پڇا ڪئي: تو ڇا لاءِ مون کي زهر ڏنو؟ عرض ڪيائين: مون کي اوهان سان بُغض هو. اهو جواب ٻڌندي ئي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمايو، تُون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آزاد آهين ۽ تو جيڪو ڪجھ مون سان ڪيو اهو بہ مون توکي مُعاف ڪيو.

(حياة الحيوان الکبریٰ، ج 1 ص 391)

سُبحٰن **اللّٰه**! صَحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي عظمتن جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي! اهي نيڪ ٻانها حُڪمِ قرآني: اِدۡفَعۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ ترجمو ڪنزالايمان: برائي کي ڀلائي سان ٽار ) (پ 24 حٰم السجده 34) جو صحيح تفسير هئا، ڪيترائي ڀيرا زهر پيئارڻ واري ٻانهيءَ کي سزا ڏيارڻ بدران آزاد فرمايائون. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صَدَقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪيني رکڻ واري کان بہ فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو

عقلمند انسان چشم پوشي ڪندڙ دوست کان وڌيڪ ڪينو رکڻ واري دشمن کان نفعو حاصل ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جو طريقو بيان ڪندي امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِی لکن ٿا: پنهنجي دشمنن کان پنهنجا عيب ٻڌو ڇو تہ دشمن جي اک هر عيب کي ظاهر ڪندي آهي. عقلمند انسان ڪينو رکندڙ دشمن کان پنهنجا عيب ٻُڌي اهڙي

چشم پوشي ڪندڙ دوست کان زياده نفعو حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو ان جي تعريف ۽ توصيف ڪندو رهندو آهي ۽ انهيءَ جا عيب لِڪائيندو رهندو آهي پر مصيبت هي آهي ته انساني طبيعتون دشمن جي ڳالهه کي ڪوڙ ۽ حَسَد تي مَبني خيال ڪنديون آهن پر عقلمند دشمنن جي ڳالهين مان به سبق سکندا آهن ۽ پنهنجي عيب جو اِزالو ڪندا آهن جو آخر ڪو عيب ته ضرور آهي جيڪو انهن جي دشمنن جي نگاهه ۾ آهي. (مڪاشفة القلوب ص 253)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻين کي پنهنجي ڪيني کان بچائڻ جا طريقا

ڪيڏو نه سٺو ٿئي جيڪڏهن اسان اهڙين ڳالهين کان بچون جنهن جي ڪري ماڻهو ڪيني ۾ مُبتلا ٿي پوندا آهن، انهيءَ ضمن ۾ 10 **مدني گُل** مُلاحظه فرمايو:

### ﴿1﴾ ڪنهن جي ڳالهه ڪٽڻ کان بچو

ڪنهن جي ڳالهه ڪَٽڻ آدابِ گُفتگو جي خلاف آهي ۽ جنهن جي ڳالهه ڪَٽي وئي اهو ڪيني ۾ مُبتلا ٿي سگهي ٿو. حضرت **عبدالله بن عباس** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو ارشاد آهي: ڪنهن بيوقوف جي ڳالهه نه ڪَٽيو جو اهو توهان کي تڪليف پهچائيندو ۽ ڪنهن عقلمند جي ڳالهه نه ڪَٽيو جو اهو توهان سان بُغض رکندو. (احياءُ العلوم ج 2 ص 224)

### ﴿2﴾ تعزيت دوران مُسڪرائڻ کان بچو

ڪنهن غمزده جي تعزيت ڪرڻ تمام سُٺي ڳالهه آهي پر اهڙي موقعي تي مُسڪرائڻ دلين ۾ بُغض ۽ ڪِينو پيدا ڪري ٿو.

(مجموعه رسائل امام غزالي، رساله الادب في الدين ص 409)

### ﴿3﴾ ڪنهن جي غَلطي ڪڍڻ ۾ احتياط ڪيو

ڪنهن جي گفتگو مان تلَفُّظ يا گرامر جي غلطي ڪڍڻ ۾ بہ احتياط ڪرڻ گھرجي ڇو جو انھيءَ سان بہ سامھون واري جي دِل ۾ ڪِينو پيدا ٿي سگھي ٿو، غالباً انھيءَ حڪمت جي پيشِ نظر بھارِ شريعت ۾ ھي شرعي مسئلو بيان ڪيو ويو آھي: جيڪو شخص (قرآن) غلط پڙھندو ھجي تہ ٻُڌندڙ تي واجب آھي تہ ٻڌائي، انھيءَ شرط تي جو ٻڌائڻ جي ڪري ڪِينو ۽ حَسَد پيدا نہ ٿئي.

(بھارِ شريعت ج 1 حصہ 3، ص 553)

### ﴿4﴾ موقع محل جي مطابق عمل ڪيو

جن موقعن تي شريعت جي مطابق آداب يا مُسۡتَحَبَّات تي عمل ڪرڻ جو رواج ھجي اُتي انھيءَ ڪان ھٽي ڪري عمل ڪرڻ بہ ماڻھن جي دِلين ۾ بُغۡض و ڪينو پيدا ڪري سگھي ٿو. جيئن تہ بھارِ شريعت ۾ آھي: جتي اھو انديشو ھجي تہ تعظيم جي لاءِ جيڪڏھن اُٿي نہ بينو تہ ان جي دِل ۾ بُغۡض ۽ عَداوت پيدا ٿيندي، خصوصًا اھڙي جڳھہ جتي اُٿي بيھڻ جو رواج ھجي تہ قيام ڪرڻ گھرجي تہ جيئن ھڪ مسلمان کي بُغۡض ۽ عداوت ڪان بچايو وڃي.

(بھارِ شريعت ج 3، حصہ 16، ص 473)

### ﴿5﴾ مشورو بُغۡض ۽ ڪيني کي ختم ڪندو آھي

جتي گھڻا ماڻھو ڪنھن ڪم ۾ شامل ھجن اُتي مشورو ڪرڻ قُربت جو باعث آھي. مشورو ڪرڻ ھڪ اھڙو مبارڪ فعل آھي جو انھيءَ ڪان اھو شخص جنھن سان مشورو ڪيو وڃي پنھنجي قدر و قيمت ۽ عزت و اھميت محسوس ڪري خوش ٿيندو. ۽ انھيءَ جي مشورو ونڻ واري سان وابستگي ۽ ويجھڙائپ وڌندي بلڪ جيڪڏھن ناراض اسلامي ڀاءُ سان مشورو ڪيو وڃي تہ ھي

مشورو ڪرڻ انهيءَ جي بُغض ۽ ڪيني کي ختم ڪري ۽ ناراضگي کي پري ڪري دِل ۾ لُطف و مَحبَّت جو نُور پيدا ڪندو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ (مَدَني ڪمن جي تقسيم ص 42)

## ﴿6﴾ ڪنهن جي اِصلاح ڪرڻ جو انداز مَحبَّت پريو هئڻ گهرجي

مٺي مٺي مَدَني آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جڏهن ڪنهن جي ڳالهہ پهچندي هئي جيڪا سُٺي نہ لڳندي هئي تہ اُنهيءَ تي پردو رکندي اُن جي اِصلاح جو هي حسين انداز هوندو هو جو ارشاد فرمائيندا هئا: مَا بَالُ اَقْوَامٍ يَقُوْلُوْنَ كَذَا وَكَذَا يعني ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي جو اهڙي ڳالهہ ڪندا آهن. (سنن ابي داوٗد، ج 4 ص 328، الحديث 4788)

ڪاش! اسان کي بہ اصلاح جو طريقو اچي وڃي، اسان جو اڪثر هي حال هوندو آهي جو جيڪڏهن ڪنهن کي سمجهائڻو بہ هوندو آهي تہ بنا ضرورتِ شرعي سيني جي سامهون نالو وٺي يا انهيءَ طرف ڏسي اهڙي طرح سمجهائيندا آهيون جو ويچاري جا پَول بہ پڌرا ڪري ڇڏيندا آهيون. پنهنجي ضمير کان پڇو تہ اهو سمجهائڻ ٿيو يا اڳئين کي ذليل (DEGRADE) ڪرڻ ٿيو؟ انهيءَ طرح سُڌار پيدا ٿيندو يا وري وڌيڪ بِگاڙ ٿيندو؟ ياد رکو! جيڪڏهن اسان جي رُعب سان سامهون وارو چُپ تي ويو يا مڃي ويو تڏهن بہ اُنهيءَ جي دل ۾ ناگواري رهجي ويندي جيڪا بُغض ۽ ڪيني، گِلا ۽ تهمت وغيره جا دروازا کولي سگهي ٿي. حضرت سيِّدتُنا اُمِّ درداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: ڪنهن پنهنجي ڀاءُ کي ظاهري طور نصيحت ڪئي انهيءَ اُن تي عيب لڳايو ۽ جنهن لِڪ ۾ ڪئي تہ انهيءَ اُن کي سينگاريو. (شعب الايمان ج 6 ص 112 الرقم 7641) البت جيڪڏهن پوشيده نصيحت نفعو نہ ڏئي تہ پوءِ (موقعي ۽ منصب جي مناسبت سان) ظاهر

ظهور نصيحت ڪري. (تنبيہ الغافلين ص 39، غيبت جون تباهہ ڪاريون ص 141)

## ﴿7﴾ رشتي تي رشتو نہ موڪليو

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ٻن گهرن ۾ رشتي جي ڳالهہ هلندڙ هوندي آهي جو ڪو ٽيون وچ ۾ ايندو آهي، يا ٻن ماڻهن جي وچ ۾ خريد و فروخت جي ڳالهہ ٿي رهي هوندي آهي تہ ڪو ٽيون انهيءَ ۾ اچي ويندو آهي اهڙي صورت ۾ فائدي ڪان محروم ٿيندڙ ڏر نهيل نُڪيل ڪم بگاڙيندڙ جي بُغُض ۽ ڪيني ۾ مُبتلا ٿيندي آهي. تنهن ڪري انهيءَ قسم جي معاملن ۾ دخل اندازي ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

## ﴿8﴾ خواهہ مخواهہ حوصلہ شڪني نہ ڪيو

حوصلہ افزائي هر ڪنهن کي سني لڳندي آهي چاهي اُن کي ڍنگ سان ڪم ڪرڻ ايندو هجي يا نہ ايندو هجي، انهيءَ جي اُبتڙ ڪجهہ اسلامي ڀائرن جي ڪم تي مثبت ۽ تعميري تنقيد بہ ڪئي وڃي تہ اُهي اُن کي حوصلہ شڪني تصوُّر ڪندا آهن ۽ دِل ۾ تنقيد ڪندڙ کي بُرو سمجهندا آهن، انهيءَ ڪري هر ڪنهن جي ڪم تي تنقيد ڪرڻ ڪان بچڻ ئي بهتر آهي، هائو! جيڪڏهن اهو خود تنقيد جي درخواست ڪري تہ بہ محتاط انداز اپنايو وڃي، مثال طور پهريان ان جي ڪم جون خوبيون شمار ڪري حوصلہ افزائي ڪئي وڃي پوءِ خاميون ۽ اصلاح طلب پهلوئن تي مناسب لفظن ۾ اِظهار خيال ڪيو وڃي. پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي انهيءَ حڪمتِ عملي کي سمجهي نہ سگهندا آهن ۽ هر ڪنهن کي تيز تکي تنقيد جو نشانو بنائي پنهنجي دشمنن ۾ اضافو ڪندا رهندا آهن، اهڙن کي بہ پنهنجي طرزِ عمل تي غور و فڪر جي سخت

ضرورت آهي.

## ﴿9﴾ ٻين کي نہ چڙ ٻ ڏيو

ڳالهہ ڳالهہ تي ڪنهن کي ٽوڪيندو رهڻ، دٻائڻ يا چڙٻڻ جي عادت کان ممڪن آهي تہ سامهون وارو اسان جي ڪيني ۾ مُبتلا ٿي پوي، ائين ڪرڻ کان بچو. انهيءَ ڳالهہ کي هڪ حڪايت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو:

## پري ڪان ئي شرط ڏيکارڻ وارو نوڪر

هڪ هنيلو رئيس پنهنجي نوڪرن کي هر وقت ڳالهائيندو چڙٻيندو رهندو هو جنهن ڪري نوڪرن جي دِل ۾ انهيءَ لاءِ عَداوت ٿي وئي هئي. انهيءَ رئيس نوڪرن لاءِ انهن جي ذميدارين جي لسٽ (List) تيار ڪئي هئي. جيڪڏهن ڪو نوڪر ڪڏهن بہ ڪو ڪم ڇڏي ڏيندو هو تہ رئيس انهيءَ کي اُها لسٽ ڏيکاري ذليل ڪندو هو. هڪ ڀيري اهو گهوڙي سواري جو شوق پورو ڪري گهوڙي تان لهي رهيو هو تہ انهيءَ جو پير رِڪاب ۾ ڦاسي پيو انهيءَ دوران گهوڙو ڀڄڻ لڳو، هاڻي رئيس اونڌو لڙڪيل گهوڙي سان گڏوگڏ گِهلبو رهيو. پاڻ سان گڏ بيٺل نوڪر کي مدد لاءِ سڏيائين پر انهيءَ کي تہ پلاند وٺڻ جو موقعو مليو هو، اهڙي طرح انهيءَ پنهنجي مالڪ جي مدد ڪرڻ بدارن ڪيسي مان رئيس جي ڏنل لسٽ ڪڍي پري کان ئي ڏيکاري چوڻ لڳو تہ انهيءَ ۾ هي ڪٿي ناهي لکيل تہ جيڪڏهن تنهنجو پير گهوڙي جي رِڪاب ۾ ڦاسي پوي تہ انهيءَ کي ڇڏائڻ منهنجي ديوٽي آهي. هي ٻڌي رئيس نوڪرن سان ڪيل بُري سلوڪ تي پڇتائڻ لڳو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿10﴾ رُوحاني عِلاج بہ ڪيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيني** کان بچڻ لاءِ بيان ڪيل علاجن سان گڏوگڏ حسبِ توفيق اوّل آخر هڪ هڪ ڀيرو دُرُود شريف سان گڏ هي 7 **رُوحاني عِلاج** بہ ڪيو:

**﴿1﴾** جڏهن بہ دِل ۾ **ڪِينو** محسوس ٿئي تہ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم هڪ ڀيرو پڙهڻ کان پوءِ کابي ڪُلهي طرف ٽي ڀيرا ٿوڪاريو.

**﴿2﴾** روزانو ڏهہ ڀيرا اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ واري تي شيطان جي **حِفاظت لاءِ الله** عَزَّوَجَلَّ **هڪ فِرشتو مقرَّر ڪندو آهي.**

**﴿3﴾** سُورة الاخلاص يارهن ڀيرا صبح (آڌي رات گذرڻ کان سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين صُبح آهي) پڙهڻ واري تي جيڪڏهن شيطان پنهنجي لشڪر سميت بہ هن کان گناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري تڏهن بہ نہ ڪرائي سگهندو، جيستائين هي (پڙهڻ وارو) پاڻ نہ ڪري.
(الوظيفة الڪريمة ص 21)

**﴿4﴾** سورةُ النَّاس پڙهڻ سان بہ وسوسا دُور ٿيندا آهن.

**﴿5﴾** مُفَسِّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: "**صُوفياءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا تہ جيڪو صُبح شام ايڪيهہ ايڪيهہ ڀيرا "لاحول شريف" پاڻي تي دَم ڪري پيئي تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ **شيطاني وسوسن** کان گهڻي حد تائين امُن ۾ رهندو."
(مرأة المناجيح ج 1 ص 87)

**﴿6﴾** هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ۝۳ (پ 27 الحديد 3) پڙهڻ سان جلدي وَسوسو دُور ٿي ويندو آهي.

**﴿7﴾** سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْخَلَّاقِ، ﴿اِنْ یَّشَاْ یُذْهِبْكُمْ وَ یَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِیْدٍ ۝۱۹ وَّ مَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِیْزٍ ۝۲۰﴾ (پ 13 ابراهيم آيت 19، 20) **(جي ڪثرت ان (يعني وَسوسي) ڪي پاڙان**

پٽي ڇڏي ٿي. (ملخص از فتاویٰ رضویہ ج 1 ص 770) (انهيءَ دُعا جي آيت واري حصي کي اوهان جي معلومات لاءِ بريڪٽ ۾ رسم الخط جي تبديلي جي ذريعي واضح ڪيو آهي) (ماخوذ از نيڪي جي دعوت، ص 78 تا 79)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن کي ڪنهن سان به بُغض ۽ حَسَد نه ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قيامت کان پهريان هڪ وقت اهڙو به ايندو جو ان وقت ڪنهن کي ڪنهن سان به بُغض ۽ حَسَد نه ٿيندو. جيئن حضرت سَيِّدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول اڪرم، نور مُجَسَّم، شفيع اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُشڪبار آهي: خدا جو قسم! ابنِ مريم (حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام) لهندا، عادِل بادشاهه ٿي صَليب ٽوڙيندا ۽ خنزير فنا ڪري ڇڏيندا، جِزيو ختم فرمائيندا، ڏاچيون بنا ڏنارن جي ڇڏيون وينديون جن تي ڪم ڪار نه ڪيو ويندو ۽ ڪِينا، بغض ۽ حَسَد ختم ٿي ويندا، ۽ اهي مال لاءِ سڏيندا ته ڪو ان کي قبول نه ڪندو.

(صحيح مسلم ص 91، الحديث 243)

مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان حديث پاڪ جي انهيءَ حصي "۽ ڪِينا، بُغض ۽ حَسَد ختم ٿي ويندا" جي تحت فرمائن ٿا: يعني حضرت سَيِّدُنا عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بَرَڪت سان ماڻهن جي دِلين مان حَسَد، بُغض (۽) ڪِينا نڪري ويندا ڇو جو ڪنهن جي دِل ۾ دُنيا جي مَحَبَّت نه رهندي، هر هڪ کي دِين ۽ ايمان جي چاهت لڳي ويندي. دُنيا جي مَحَبَّت انهن سيني جي پاڙ آهي، پاڙ ئي ڪٽجي ويندي ته شاخون ڪيئن رهنديون. (مِراٰةُ الْمناجيح ج 7 ص 339)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنتين جي وچ ۾ ڪِينو نہ هوندو

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جنّت** وارن جي تعريف هن طرح فرمائي:

وَ نَزَعۡنَا مَا فِیۡ صُدُوۡرِهِمۡ مِّنۡ غِلٍّ اِخۡوَانًا عَلٰی سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِیۡنَ ﴿۴۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان ڇڪي ڪڍي ورتو جو ڪجهہ بہ ڪينو هو انهن جي سيني ۾، هڪ ٻئي ۾ ڀائر آهن تخت تي آمهون سامهون ويٺل. (پ 14، الحجر 47)

**رُسولِ بي مثال، بيبي آمِنہ جي لال** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمايو:** لَا اِخۡتِلَافَ بَیۡنَھُمۡ وَلَا تَبَاغُضَ قُلُوۡبُھُمۡ قَلۡبٌ وَاحِدٌ یُسَبِّحُوۡنَ اللّٰہَ بُکۡرَۃً وَّعَشِیًّا **يعني** جنت وارن جو پاڻ ۾ نہ اختلاف هوندو، نہ بُغض ۽ ڪَدورت! سيني جون دِليون هڪ هونديون صبح، شام **الله** جي پاڪائي بيان ڪندا.
(صحيح البخاري ج 2 ص 391 الحديث 3245)

## ڪِينو ۽ حَسَد ڪيئن باقي رهندو!

حضرت سَيِّدُنا ابو حَفۡص رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ جيڪي قُلوب **الله** تعالیٰ جي مَحَبَّت ۾ مشغول ۽ انهيءَ جي مَحَبَّت تي مُتَّفِق ۽ انهيءَ جي مَوَدَّت تي گڏ ۽ انهيءَ جي ذِڪر سان مانُوس ٿي ويا انهن ۾ ڪِينو ۽ حَسَد ڪهڙي طرح باقي رهي سگهي ٿو، بيشڪ هي دِل نفساني وَسوَسن ۽ طبعي ڪَدورتن ڪان پاڪ ۽ صاف آهن بلڪ توفيق جي نُور سان روشن آهن تہ پوءِ اهي سڀ پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ بڻجي ويا. (عوارف المعارف ص 34)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪيني جون وڏيڪ صورتون

جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ ڪنهن سان ڪِينو رکيائين مثال طور ڪو شخص ڪمزورن تي ظُلم ڪندو آهي، قتل و غارت

ڪندو آهي، ماڻهن کي گناهن جي رستي تي هلائيندو آهي يا اهو غيرمسلم يا بدمذهب آهي تہ اهڙي سان ڪِينو رکڻ جائز ۽ محمود آهي. انهيءَ ڳالهہ کي هيٺ ڏنل روايتن ۽ حڪايتن مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو:

## افضل عمل

حضرتِ سَيِّدُنا ابوذر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حُضُور پاڪ، صاحب لَولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: اَفْضَلُ الْاَعْمَالِ اَلْحُبُّ فِی اللّٰہِ وَالْبُغْضُ فِی اللّٰہِ يعني سڀ کان بهتر عمل **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مَحَبَّت ڪرڻ ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ دُشمني ڪرڻ آهي.

(سنن ابي داوٗد ج 4 ص 264، الحديث 4599)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مَحَبَّت جو مطلب هي آهي تہ ڪنهن سان انهيءَ جي لاءِ مَحَبَّت ڪئي وڃي جو اهو ديندار آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عَداوت جو مطلب هي آهي تہ ڪنهن سان انهيءَ ڪري عداوت هجي، جو اهو دين جو دشمن آهي يا ديندار ناهي. (نزهة القاري ج 1 ص 295)

## ڪِٿي اسان غلط فهمي ۾ تہ نہ آهيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن سان بُغض ۽ ڪيني رکڻ کان اڳ تمام سٺي طرح غور ڪرڻ گهرجي تہ ڇا اسان واقعي جواز واري صورت تي عمل ڪري رهيا آهيون؟ ڪٿي اسان غلط فهمي ۾ تہ مُبتلا نہ آهيون! انهيءَ ڳالهہ کي هيٺين روايتن مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو:

حضرتِ سَيِّدُنا عامر بن وَاثِلَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ

(محبوبِ ربِّ ڪائنات، شَهَنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتي ۾) هڪ صاحب ڪنهن قوم وٽان لنگهيو تہ اُن انهن کي سلام ڪيو انهن ماڻهن سلام جو جواب ڏنو. جڏهن اهو صاحب اُتان هليو ويو تہ انهن مان هڪ شخص ان صاحِب جي باري ۾ چيو: ”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ انهيءَ سان بُغض رکان ٿو.“ مجلس وارن انهيءَ کي چيو تہ تو ڏاڍي بُري ڳالهہ ڪئي آهي خدا جو قسم! اسان انهيءَ کي اها ڳالهہ ضرور ٻڌائينداسين، پوءِ هڪ ماڻهو کي چيائون: اي فلاڻا! اُٿ ۽ وڃي انهيءَ ماڻهو کي اِها ڳالهہ ٻڌاءِ، اهڙي طرح قاصد انهيءَ کي ڏنو ۽ اِها ڳالهہ ٻڌايائين. اهو شخص اُتان موٽي رسولِ ثَقَلَين، سُلطانِ ڪَونَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضِر ٿي عرض گذار ٿيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مسلمانن جي هڪ مجلس وٽان منهنجو گذر ٿيو مون انهن تي سلام ورايو انهن ۾ فلاڻو ماڻهو بہ هو انهن سڀني منهنجي سلام جو جواب بہ ڏنو جڏهن مان اڳتي هليو ويس تہ انهن مان هڪڙو ماڻهو مون وٽ آيو ۽ انهيءَ مون کي ٻڌايو تہ فلاڻي ماڻهو جو هي چوڻ آهي تہ مان اِنهيءَ سان بُغضٌ فِي الله (يعني الله تعالىٰ لاءِ بُغض) رکان ٿو اوهان انهيءَ کي گهرائي پڇيو تہ اهو مون سان ڇا جي ڪري بُغض رکي ٿو؟ نبِي اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُن کي گُهرائي انهيءَ ڳالهہ بابت پڇا فرمائي تہ ان پنهنجي ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ هائو! مون اِها ڳالهہ ڪئي آهي. ارشاد فرمايائون: تون انهيءَ سان بُغض ڇو ٿو رکين؟ تہ انهيءَ چيو: مان اِنهيءَ جو پاڙيسري آهيان ۽ مان اِنهيءَ جي ڀلائي جو خواهشمند

آهيان، **خدا** جو قسم! مان ڪڏهن بہ **فرض نماز** کان سواءِ اِنهيءَ کي (نفل) نماز پڙهندي ناهي ڏٺو، جڏهن تہ فرض نماز هر نيڪ ۽ بَد پڙهندو آهي. فريادي صاحِب عَرض ڪيو: **يا رسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اِنهيءَ کان پڇيو: ڇا اِنهن مون کي فرض نماز ۾ دير ڪندي ڏٺو آهي؟ يا مون وُضُو ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي؟ يا رُڪُوع ۽ سُجُود ۾ ڪا ڪمي آهي؟ **حُضُور** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **پڇيو** تہ اُنهن اِنڪار ڪندي عرض ڪيو: مون انهيءَ ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڏٺي آهي. پوءِ وڌيڪ عرض ڪيائين: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون اِنهيءَ کي رَمَضانُ المُبارَڪ کان سواءِ ڪڏهن (نفلي) **روزا** رکندي ناهي ڏٺو، انهيءَ مهيني (يعني رَمَضانُ المُبارَڪ جي مهيني) جو روزو تہ هر نيڪ و بَد رکندو آهي. اهو ٻڌي فريادي عرض ڪيو: **يا رسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اِنهيءَ کان پڇيو، ڇا مون ڪڏهن رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ روزا ڇڏيا آهن؟ يا روزي جي حق ۾ ڪا ڪمي ڪئي آهي؟ پڇڻ تي انهن عرض ڪيو: نہ. پوءِ چيائين: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون ناهي ڏٺو جو انهيءَ صاحب **زڪوٰة** کان سواءِ ڪنهن مسڪين يا سوالي کي ڪجھ ڏنو هجي يا **الله** تعالیٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪيو هجي، **زڪوٰة** تہ هر نيڪ و بَد ادا ڪندو آهي. فريادي عرض ڪيو: **يا رسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اِنهيءَ کان پڇيو، ڇا انهن مون کي **زڪوٰة** جي ادائيگي ۾ **ڪوتاهي** ڪندي ڏٺو آهي؟ يا مون ڪڏهن انهيءَ ۾ ٽال مٽول کان ڪم ورتو آهي؟ دريافت ڪرڻ تي انهن عَرض ڪيو: نہ. **حُضُور** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **انهيءَ** (بُغض رکڻ واري) کي فرمايو: قُمْ اِنْ اَدْرِیْ لَعَلَّهٗ خَيْرٌ مِنْکَ اُٺي وڃ مان نہ ٿو

جاڻان شايد اِهو ئي توکان بهتر آهي.

(مسند امام احمد ج 9 ص 210، الحديث 23864)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا منهنجي محبوبن سان مَحَبت ۽ منهنجي دُشمنن سان عداوت به رکي؟

سَرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن هڪ اهڙي شخص کي گُهرايو ويندو جيڪو پاڻ کي نيڪ سمجهندو هوندو ۽ انهيءَ کي اِهو گُمان هوندو تہ منهنجي اعمال نامي ۾ ڪو گُناهہ ناهي. اُنهيءَ کان پڇيو ويندو: ڇا تون منهنجي دوستن سان دوستي رکندو هئين؟ اهو عرض ڪندو: اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ ! تون تہ ماڻهن کان سالم و محفوظ (يعني بي نياز) آهين. پوءِ ربِّ عظيم عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: ڇا تون منهنجي دشمنن سان دشمني رکندو هئين؟ اهو عَرض ڪندو: اي منهنجا مالڪ و مختار عَزَّوَجَلَّ ! مون اهو پسند نہ ٿي ڪيو تہ منهنجي ۽ ڪنهن جي وچ ۾ ڪجهہ هجي تہ الله تبارڪ و تعالیٰ فرمائيندو: لَا يَنَالُ رَحْمَتِيْ مَنْ لَمْ يُوَالِ اَوْلِيَائِيْ وَيُعَادِيْ اَعْدَائِيْ يعني اهو منهنجي رحمت کي نہ لهي سگهندو جنهن منهنجي دوستن سان دوستي ۽ منهنجي دشمنن سان عداوت نہ رکي هوندي.

(المعجم الکبير ج 22 ص 59، الحديث 140)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدمذهب کي ڪاڏو نہ ڪارايائون

حضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مغرب نماز پڙهي مسجد مان تشريف فرما ٿيا هئا تہ هڪ شخص آواز ڏنو: ”ڪير آهي

جيڪو مُسافر کي ڪاڏو ڏئي؟“ **امير المؤمنين** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه **خادِمِ** کي ارشاد فرمايو: ”اِنهيءَ کي پاڻ سان وٺي اچ.“ اهو آيو ته اُنهيءَ کي ڪاڏو گُهرائي ڏنائون. مُسافر ڪاڏو شروع ئي مَس ڪيو هو ته هڪ لفظ اُنهيءَ جي زبان مان اهڙو نڪتو جنهن مان بدمذهبي جي ڌپ اچي رهي هئي، جلدي ڪاڏو سامهون ڪٽائي، اُنهيءَ کي ڪڍي ڇڏيائون. (ڪنز العمال ج 10 ص 117، الحديث 29384 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن هڪ غير مسلم اعلىٰ حضرت جي جسم تي هٿ رکيو

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مُجدِّدِ دين و ملّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّحْمٰن **ملفوظات شريف** ۾ فرمائن ٿا: هر مُسلمان تي فرضِ اعظم آهي ته **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جي سڀني دوستن (يعني نبين، صحابين ۽ ولين وغيره) سان مَحَبَّت رکي ۽ اُن جي سڀني دُشمنن (يعني ڪافِرن، بدمذهبن، بي دينن ۽ مُرتدن) سان عداوت رکي، اهو اسان جو عين ايمان آهي. (انهيءَ تذڪري ۾ فرمايائون:) بِحَمْدِ اللهِ تَعَالٰی مون جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي دِل ۾ **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جي سڀني دشمنن جي سخت نفرت ئي ڏني. هڪ دفعي پنهنجي ڳوٺ ويس، ڪو ڳوناٽو مقدمو پيش آيو جنهن ۾ چوپال جي سڀني ملازمن کي ”بدايون“ وڃڻو پيو، مان اڪيلو رهيس. انهيءَ زماني ۾ مَعاذَالله دردِ قولنج (يعني وڏي آندي جي درد) جا دورا پوندا هئا. انهيءَ ڏينهن ظهر جي وقت کان درد شروع ٿيو، انهيءَ حالت ۾ جيئن تيئن وُضُو ڪيو، هاڻي نماز لاءِ نه پيو بيهي سگهان. ربّ عَزَّوَجَلَّ کان دُعا ڪئي ۽ حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مدد گهري، مولىٰ عَزَّوَجَلَّ مُضطَر (يعني

پريشان) جي دانهن ٻڌندو آهي. مون سُنّت جي نيّت ڪئي تہ درد بالڪل ختم ٿي ويو. جڏهن سلام ورايو تہ ساڳي شدت سان هو. جلدي اٿي فرض جي نيّت ڪئي، درد ختم ٿي ويو. جڏهن سلام ورايو وري اها ئي حالت ٿي. بعد ۾ سُنّتون پڙهيون، درد موقوف (يعني ختم) ۽ سلام کان بعد وري بدستور، مون چيو: هاڻي عَصر تائين ٿيندو رهہ. پلنگ تي سُمهي پاسا ورائيندو رهيس درد جي ڪري ڪنهن پاسي چين نہ هو. ايتري ۾ اکيان انهيءَ ڳوٺ جو هڪ برهمڻ لنگهيو، دروازو کُليل هو، مون کي ڏسي اندر آيو ۽ منهنجي پيٽ تي هٿ رکي پڇيائين ڇا هتي درد آهي؟ مون کي اُنهيءَ جو پليت هٿ بدن تي لڳڻ سان ايتري تہ ڪراهت ۽ نفرت پيدا ٿي جو درد وسري ويو ۽ اها تڪليف ان کان وڌيڪ معلوم ٿي جو هڪ ڪافِر جو هٿ منهنجي پيٽ تي آهي. اهڙي عداوت رکڻ گهرجي.

(ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ص 276 بتصرف)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدمذهبن جي صحبت ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي

دعوتِ اِسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 504 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غيبت جون تباھ ڪاريون“ جي صفحي 41 تي آهي: بدمذهبن جي صُحبت ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي، ان سان دوستي ۽ تعلُّقات رکڻ جي احاديثِ مبارڪ ۾ مُمانعت آهي. جيئن تہ سُلطانِ عَرَب، محبوبِ ربّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: ”جيڪو ڪنهن بدمذهب کي سلام ڪري يا اُنهيءَ سان بَکُشاده پيشاني ملي يا اهڙي ڳالھ سان ڳڏ انهيءَ سان پيش اچي جنهن ۾ انهيءَ جي دِل خوش ٿئي، انهيءَ اُن شيءِ جي تَحقير

ڪئي جيڪا **الله** عَزَّوَجَلَّ **مُحمّد** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي نازل فرمائي.“** (تاريخ بغداد ج 10 ص 262) **رسولِ نذير، سِراج مُنير، محبوبِ ربِّ قدير** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلپذير آهي: **”جنهن ڪنهن بدمذهب جي** (تعظيم ۽) **توقير ڪئي انهيءَ دين کي ڍاهڻ ۾ مدد ڪئي.“** (المعجم الاوسط ج 5 ص 118، حديث 6772) **رَحمتِ عالَم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ مُعظّم آهي: توهان انهن کان پري رهو ۽ اُهي توهان کان پري رهن، ڪٿي اهي توهان کي گُمراھ نہ ڪن ۽ فتني ۾ نہ وجهي ڇڏين.** (مُقدّمہ صحيح مسلم ص 9 حديث 7)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدمذهبن کان ديني يا دُنياوي تعليم حاصل نہ ڪريو

**بدمذهب** کان ديني يا دُنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جي مُمَانَعَت بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: غير مذهب وارين (يا وارن) جي صُحبت باھ آهي، ذي علم، عاقِل بالغ مردن جا مذهب (بہ) انهيءَ ۾ بگڙجي ويا آهن. **عمران بن حِطان رقاشي جو قصو مشهور آهي، هي تابعين جي زماني ۾ هڪ وڏو مُحَدِّث ٿي گذريو آهي، خارجي مذهب جي عورت جي صُحبت ۾** (رهي ڪري) **معاذالله پاڻ خارجي ٿي ويو ۽ هي دعوىٰ ڪئي هئي تہ** (انهيءَ سان شادي ڪري) **انهيءَ کي سُنّي ڪرڻ چاهيان ٿو.** (هتي اهي بيوقوف ماڻهو عِبرت حاصل ڪن جيڪي پنهنجي فاسد خيال ۾ پاڻ کي پڪّو سُنّي؟ تصوُّر ڪندا آهن ۽ چوندي بڌا ويا آهن تہ اسان کي پنهنجي مسلڪ کان ڪير بہ هٽائي نہ ٿو سگهي، اسان گهڻا ئي مضبوط آهيون!) **منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ **وڌيڪ فرمائن ٿا: جڏهن صُحبت جي حالت ۾** (ايڏو وڏو مُحَدِّث گُمراھ ٿي ويو) تہ (بدمذهب کي) اُستاد بڻائڻ ڪيتري قدر بَدتر آهي جو اُستاد جو اثر

تمام عظيم ۽ نهايت جلد ٿيندو آهي، تہ غير مذهب عورت (يا مرد) جي سِپُردگي يا شاگردي ۾ پنهنجي ٻچن کي اهو ئي ڏيندو جيڪو پاڻ دين سان واسطو نہ ٿو رکي ۽ پنهنجي ٻارن کي بَد دين ٿيڻ جي پرواھ ناهي ڪندو. (فتاوىٰ رضويہ ج 23 ص 692 ملتقطًا)

محفوظ خدا رکھنا سدا بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب جو خلاصو

* ڪِينو مُهلڪ باطني مرض آهي ۽ انهيءَ جي باري ۾ڄاڻڻ فرض آهي.
* ڪِينو هي آهي تہ انسان پنهنجي دِل ۾ ڪنهن کي بار سمجهي، انهيءَ سان بُغض ۽ دشمني ڪري، نفرت ڪري ۽ هي ڪيفيت هميشہ باقي رهي.
* ڪنهن مسلمان سان بنا شرعي سبب جي ڪِينو رکڻ حرام آهي.
* ڪنهن ظالم سان ڪينو رکڻ جائز آهي، جڏهن تہ بدمذهب ۽ ڪافر سان ڪِينو رکڻ واجب آهي.

## ڪيني رکڻ واري کي هي نقصان ٿيندا آهن

(1) دوزخ ۾ داخلہ (2) بخشش کان محرومي (3) شبِ قدر ۾ بہ محروم رهندو آهي (4) جنت جي خوشبوءِ نہ لهندو (5) ايمان برباد ٿيڻ جو خطرو آهي (6) دُعا قبول ناهي ٿيندي (7) بين گُناهن جو دروازو کُلندو آهي (8) انهيءَ کي سُڪون نصيب ناهي ٿيندو (9) صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سادات عظام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم عُلماءِ ڪرام ۽ عربن

سان بُغْضُ ۽ ڪِينو رکڻ وڏيڪ بُرو آهي.

## ڪيني جو علاج

﴿1﴾ ايمان وارن جي ڪيني کان بچڻ جي دُعا ڪجي
﴿2﴾ ڪيني جي اسباب (ڪاوڙ، بدگُماني، شراب نوشي، جُوا وغيره) کان پري رهجي
﴿3﴾ سلام ۽ مصافحي جي عادت بڻائجي
﴿4﴾ اجايو سوچڻ ڇڏي ڏجي
﴿5﴾ مسلمانن سان الله جي رضا لاءِ مَحَبَّت ڪريو
﴿6﴾ دُنياوي شين جي ڪري بُغْض ۽ ڪيني رکڻ جي نقصانات تي غور ڪريو

## ٻين کي پنهنجي ڪيني کان بچائڻ جو طريقو

﴿1﴾ ڪنهن جي ڳالهه ڪٽڻ کان بچجي
﴿2﴾ ڪنهن جي غَلطي ڪڍڻ ۾ احتياط ڪجي
﴿3﴾ موقعي جي مناسبت مطابق عمل ڪجي
﴿4﴾ مشوَرو بُغْض ۽ ڪيني کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي
﴿5﴾ ڪنهن جي اصلاح ڪرڻ جو انداز مَحَبَّت ڀريو هئڻ گهرجي
﴿6﴾ رشتي تي رشتو نہ موڪلجي
﴿7﴾ خواه مخواه حوصلہ شڪني نہ ڪجي
﴿8﴾ ٻين کي نہ چِڙائجي
﴿9﴾ رُوحاني عِلاج بہ ڪجي
(تفصيل جي لاءِ رسالي جو ٻيهر مطالعو ڪريو)

# ماٰخذ و مراجع



| نام کتاب | مصنف / مؤلف | مطبوعہ |
|---|---|---|
| ترجمۂ قرآن کنز الایمان | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا بن نقی علی خان، متوفی ۱۳۴۰ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| تفسیر الدر المنثور | امام جلال الدین عبد الرحمن بن ابی بکر سیوطی، متوفی ۹۱۱ھ | دار الفکر بیروت ۱۴۰۳ھ |
| تفسیر خزائن العرفان | صدر الافاضل مفتی نعیم الدین مراد آبادی، متوفی ۱۳۶۷ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| صحیح البخاری | امام ابو عبد اللہ محمد بن اسماعیل بخاری، متوفی ۲۵۶ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| صحیح مسلم | امام ابو الحسین مسلم بن حجاج قشیری، متوفی ۲۶۱ھ | دار ابن حزم بیروت ۱۴۱۹ھ |
| سنن الترمذی | امام ابو عیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذی، متوفی ۲۷۹ھ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |
| سنن ابن ماجہ | امام ابو عبد اللہ محمد بن یزید ابن ماجہ، متوفی ۲۷۳ھ | دار المعرفۃ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| سنن ابی داؤد | امام ابو داؤد سلیمان بن اشعث سجستانی، متوفی ۲۷۵ھ | دار احیاء التراث بیروت ۱۴۲۱ھ |
| الموطا | امام مالک بن انس، متوفی ۱۷۹ھ | دار المعرفۃ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| المسند | امام احمد بن حنبل، متوفی ۲۴۱ھ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |
| المستدرک | امام ابو عبد اللہ محمد حاکم نیشا پوری، متوفی ۴۰۵ھ | دار المعرفۃ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| المصنف | امام ابو بکر عبد اللہ بن محمد بن ابی شیبۃ، متوفی ۲۳۵ھ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |
| موسوعۃ ابن ابی الدنیا | حافظ امام ابو بکر عبد اللہ بن محمد قرشی، متوفی ۲۸۱ھ | مکتبۃ العصریۃ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| شعب الایمان | امام ابو بکر احمد بن حسین بیہقی، متوفی ۴۵۸ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| المعجم الاوسط | امام ابو القاسم سلیمان بن احمد طبرانی، متوفی ۳۶۰ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| الجامع الصغیر | امام جلال الدین بن ابی بکر سیوطی، متوفی ۹۱۱ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۵ھ |
| حلیۃ الاولیاء | امام ابو نعیم احمد بن عبد اللہ اصفہانی، متوفی ۴۳۰ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| کنز العمال | امام علی متقی بن حسام الدین ہندی، متوفی ۹۷۵ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| الزھد | امام ہناد بن السری الکوفی، متوفی ۲۳۴ھ | دار الخلفاء للکتاب الاسلامی الکویت ۱۴۰۶ھ |
| فتح الباری | امام حافظ احمد بن علی بن حجر عسقلانی، متوفی ۸۵۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| فیض القدیر | علامہ محمد عبد الرءوف مناوی، متوفی ۱۰۳۱ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۲ھ |
| اشعۃ اللمعات | شیخ محقق عبد الحق محدث دہلوی، متوفی ۱۰۵۲ھ | کوئٹہ ۱۳۳۲ھ |
| مراٰۃ المناجیح | حکیم الامت مفتی احمد یار خان نعیمی، متوفی ۱۳۹۱ھ | ضیاء القرآن پبلیکیشنز لاہور |
| نزھۃ القاری | علامہ مفتی محمد شریف الحق امجدی، متوفی ۱۴۲۰ھ | فرید بک اسٹال لاہور ۱۴۲۱ھ |
| خلاصۃ الفتاوی | علامہ طاہر بن عبد الرشید بخاری، متوفی ۵۴۲ھ | کوئٹہ |

| | | |
|---|---|---|
| فتاویٰ رضویہ (مخرجہ) | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا بن نقی علی خان، متوفی ۱۳۴۰ھ | رضا فاؤنڈیشن لاہور ۱۴۱۸ھ |
| بہارِ شریعت | مفتی محمد امجد علی اعظمی، متوفی ۱۳۶۷ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| جنتی زیور | علامہ عبد المصطفی اعظمی، متوفی ۱۴۰۶ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب | امیر اہلسنت حضرت علامہ محمد الیاس عطار قادری مدظلہ العالی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| شرح الزرقانی | امام محمد بن عبد الباقی زرقانی ۱۱۲۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| تاریخ بغداد | حافظ ابوبکر احمد علی بن خطیب بغدادی، متوفی ۴۶۳ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| شواہد النبوۃ | امام عبد الرحمٰن بن احمد الجامی، متوفی ۸۹۸ھ | مکتبۃ الحقیقۃ استنبول ۱۴۱۵ھ |
| سیرت مصطفیٰ | علامہ عبد المصطفی اعظمی، متوفی ۱۴۰۶ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| منہاج العابدین | امام ابو حامد محمد بن محمد الشافعی الغزالی، متوفی ۵۰۵ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| کیمیائے سعادت | امام ابو حامد محمد بن محمد الشافعی الغزالی، متوفی ۵۰۵ھ | تہران، ایران |
| درۃ الناصحین | امام عثمان بن حسن، متوفی ۱۲۴۲ھ | دار الفکر بیروت |
| تنبیہ الغافلین | فقیہ ابو اللیث نصر بن محمد سمرقندی، متوفی ۳۷۳ھ | پشاور ۱۴۲۰ھ |
| تنبیہ المغترین | امام عبد الوہاب بن احمد الشعرانی، متوفی ۹۷۳ھ | دار المعرفۃ بیروت ۱۴۲۵ھ |
| عوارف المعارف | ابو حفص عمر بن محمد سہروردی شافعی، متوفی ۶۳۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| روض الریاحین | امام عبد اللہ بن اسعد الیافعی، متوفی ۷۶۸ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| تذکرۃ الاولیاء | شیخ فرید الدین عطار، متوفی ۶۳۷ھ | انتشارات گنجینہ تہران ۱۳۷۹ھ |
| احیاء علوم الدین | امام ابو حامد محمد بن محمد الشافعی الغزالی، متوفی ۵۰۵ھ | دار صادر بیروت ۲۰۰۰ء |
| مجموعہ رسائل امام غزالی | امام ابو حامد محمد بن محمد الشافعی الغزالی، متوفی ۵۰۵ھ | دار الفکر بیروت ۱۴۲۴ھ |
| الحدیقۃ الندیۃ شرح الطریقۃ المحمدیۃ والسیرۃ الاحمدیۃ | ماتن: الشیخ زین الدین محمد بن بیر علی البرکلی، متوفی ۹۸۱ھ<br>شارح: الشیخ عبد الغنی بن اسماعیل النابلسی، متوفی ۱۱۴۳ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۳۲ھ |
| مکاشفۃ القلوب | امام ابو حامد محمد بن محمد الشافعی الغزالی، متوفی ۵۰۵ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الملفوظ (ملفوظات اعلیٰ حضرت) | شہزادۂ اعلیٰ حضرت محمد مصطفیٰ رضا خان، متوفی ۱۴۰۲ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| الوظیفۃ الکریمہ | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا بن نقی علی خان، متوفی ۱۳۴۰ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| غیبت کی تباہ کاریاں | امیر اہلسنت حضرت علامہ محمد الیاس عطار قادری مدظلہ العالی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| نیکی کی دعوت | امیر اہلسنت حضرت علامہ محمد الیاس عطار قادری مدظلہ العالی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| خودکشی کا علاج | امیر اہلسنت حضرت علامہ محمد الیاس عطار قادری مدظلہ العالی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| حیاۃ الحیوان الکبریٰ | کمال الدین محمد بن موسی دمیری، متوفی ۸۰۸ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت ۱۴۱۵ھ |
| مدنی کاموں کی تقسیم | المدینۃ العلمیۃ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| حدائق بخشش | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا بن نقی علی خان، متوفی ۱۳۴۰ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| وسائل بخشش | امیر اہلسنت حضرت علامہ محمد الیاس عطار قادری مدظلہ العالی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |

